More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شَدَيْدٌ عَلَى الاَدْنَيْنِ مِنْكَ اِذَا احْتَوَى
عَلَيْكَ مِنَ الثَّوْبِ الثِّهَارِ حِجَابُهَا
[لِيَبْكِ سَعِيْدًا مُرْضِعٌ اَوْ خَمُسْتَقٍ
يَتَامِي وَمِنْ صَرْفِ الصَّرَاحِ شَرَابُهَا]
إِذَا ذُكِرَتْ عَيْنِي سَعِيْدًا تَجَدَّرَتْ
عَلَى عَبَرَاتٍ يَسْتَهِيْلُ انْسِكَابُهَا (۱) [۸۶]

---

(۱) اصل جملي نسخن ۾ صرف هيٹيان چار شعر ڏنل آهن فارسي ايڊيشن ۾ انهن جي پڙهڻي هن طرح قائم ڪئي وئي آهي:-

سَقَى اللهُ قبراً من سعيد فَاَصْبَحَتْ
نواحيه ارْهي عليک تُرَابُهَا
لقد ضَمَّنَتْ ارض بِمُكْرَانَ سيدا
كَرِيْمًا جَوَادٌ لايُوَاكَفُ سحابها
شديدا علي الادنين مِنْكَ احْسَنُوا
عليک من الثوب المهار حجابها (؟)
اذا ذُكِرَتْ عَيْنِي سعيدا تَجَدَّدَتْ
لها عَبَرَاتٌ يَسْتَهِيل انسكابها

اسان جي پڙهڻي جو مدار علامہ عبدالعزيز الميمني، سابق پروفيسر مسلم يونيورسٽي عليگڙھ جي ڪيل تصحيح تي آهي. (ڏسو فارسي ايڊيشن ص ۲۶۱). فرزدق جا اهي اشعار سندس ديوان (طبع بيروت، طبع صاوي قاهره ص ۱۰۲؛ ۽ هيل سيونج سن ۱۹۰۰ء رقم ۳ و رقم ۵۰۰) ۾ موجود آهن. مٿي چورس ڏنگين ۾ ڏنل مصرعون (نمبر ۲ ۽ ۴) ديوان تان پيٽي ڏنيون ويون آهن. فتحناميءَ جي جملي نسخن ۾ اهي ڪٿ آهن. (نب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[سعيد! تنهنجي قبر کي رکي خدا شل خوش،
جنهين جي پيٽ ۾ تنهنجي ڪفن جا ڪپڑا ٿيا.
رهي سا ڪوئي سلامت تون جنهن ۾ آرامي،
حلاڪ آئي وئي ڪان انهيءَ جا در پوريا.
رهيو زمين ۾ مڪران جي اهو سيد،
ڪر وسيا ٿي جنهن جا جڏهن نه سينهن وسيا.
ٿيا الم ۾ گرفتار تنهنجا سپ ويجها،
جڏهن مٿان تنهنجي سنهڙي ٻڌيءَ جا پردا وريا.
رڙي سعيد کي سا ماءُ، پنج ڇڪا جنهن کي،
يتيم، ڪجهه نه رهيو آ وٽس پاڻيءَ ڪانسواءِ.
اکين کي ياد ٿيو ٿو جڏهن سعيد تڏهن،
وهن ٿا لڙڪ انهن مان، ٿا جيئن وهن نارا.]

ٻوءِ حجّاج، سعيد جي ماڻهن کان ڪاوڙجي پڇيو تہ: توهان جو امير ڪٿي آهي؟ جيئن تہ هنن اقرار نٿي ڪيو، تنهنڪري کن ڪي ترار جو لقمو بنايائين، تڏهن نيٺ اقرار ڪيائون تہ عِلافيءَ بيوفائي ڪري، ڪيس قتل ڪري ڇڏيو. ٻوءِ تہ حجّاج، بَني ڪِلاب مان هڪ ماڻهوءَ کي حڪم ڏنو، [جنهن وڃي] سليمان عِلافيءَ کي ڪُٽو ۽ سندس سمي سعيد جي پسماندن جي گهر موڪلي، کين

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دلداري ڏيڻي، سندس قربن کي نوازيائين. پر تڏهن ۾ حجّاج بن آسلم، بشر بن زياد، محمد بن عبدالرحمان، اسماعيل بن آسلم، سعيد جا آزاد ڪيل غلام ۽ سندس ٻانها نعرا هڻندا رهيا ۽ روح راڙو ڪندا رهيا: صَعْصَعَ بن مُجْرِيَهْ (۱) ڪِلابِيْ هيءَ شعر چيو:

آعَاذِلُ كَيْفَ لِيْ بِهُمُوْمِ نَفْسِيْ
بِذِكْرِىٰ تَابِعًا فِيْهَا سَعِيْدَا
وَإِخْوَانًا لَهُ سَلَفُوْا جَمِيْعًا
غَطَارِفَةً مِنَ الْأَدْنَيْنَ صِيْدَا
إِذَا مَا الدَّهْرُ حَلَّ نَلَمَّ بِكُوْنُوا
بِمَا قَدْ حَلَّ مِنْ أَمْرٍ شُهُوْدَا
بِقَنْدَابِيْلَ حَيْثُ تَرَى الْمَنَايَا
وَ قَدْ لَاقَتْ بِهِمْ كَرْمًا وَ جُوْدَا
وَلَا تَشْمَتْ بِنَا سُوَقًا (۲) سَتَلْقِيْ
مِنَ الْأَجْيَالِ مِيْطَرَقَةً حَدِيْدَا [۸۷]

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي "مجربه" آهي مگر استاد علامه عبدالعزيز الميمني جي راء ۾ عربن ۾ "مجريه" نالو آهي ۽ نه "مجربه" ـ انهيءَ لحاظ سان "مجريه" پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي. (ن-ب) (۲) فارسي ايڊيشن ۾ "سَوْقًا" آهي. ڪيل تصحيح استاد علامه الميمني طرفان آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[ٻڌاء عاذل ڪريان مان ڇا غمن ڪي،
سعيد جي ياد ۾ جن ڪيو آ بي ڪار.
۽ ٻڌ ياٽر سندس جي ويا گذاري،
اقارب ٻڌ هٿا جي جملي سردار.
زماني کان جي آئي کا مصيبت،
ڏسي رهيا نه سي خاموش هوشيار.
هو قندابيل ۾، جو موت جو گهر،
مليا وجي موت سان سخين جا سردار،
ڪلائج ڪين ماٿهو تون جهليندين،
اجل جا مطرقا لوها خبردار!]

مجّاعه بن سعر بن يزيد بن حذيفه [التّميمي] جو والي ٿيڻ

هن تاريخ جا سنواريندڙ روايت ڪن ٿا ته: بشر بن عيسيٰ صاحب الخلاط (١)، فرقد (٢) بن مغيره ۽ عمرو بن محمد التّميمي کان بيان ڪيو ته: جڏهن حجّاج

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ "صاحب الخاط" آهي. تصحيح استاد علامه عبدالعزيز الميمني طرفان آهي. (ن-ب) (٢) فارسي ايڊيشن ۾ "برقد" آهي. تصحيح استاد الميمني طرفان آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مُجاعَة بن سِعْر کي مڪران (۱) ڏانهن موڪليو، [چاڪاڻ تہ] سن پنجاسي [هجري] ۾ هِند ۽ قَنْدابيل جا ملڪ [پڻ] حَجّاج جي ذمي ڪيا ويا هئا؛ عِلافيءَ، مُجاعَة جي پهچڻ کان اڳ پڄي ويا. مُجاعَة سندن گهولا ڪئي، پر هو سنڌ جي راجا ڏاهر بن چچ وٽ هليا ويا. مُجاعة هڪ سال مڪران ۾ رهي، جان خدا جي حوالي ڪئي.

محمد بن هارون بن ذراع النمريءَ جو والي ٿيڻ

جڏهن سال چهاسي [هجري] آيو، [۽] خلافت وَلِيد بن عبدالملڪ بن مروان کي ملي، تڏهن [هنڊ جو] مُلڪ محمد بن هارون جي حوالي ڪيائين. تاريخ جا مصنف هن طرح روايت ڪن ٿا تہ: جڏهن مُجاعة جي عمر پوري ٿي تہ حجّاج بن يوسف، محمد بن هارون (۲) کي هندستان جي طرف مقرر ڪيو ۽ کيس حڪومت هلائڻ ۾ آزاد رکيائين، ۽ ديواني مال وصول ڪرڻ جو تاڪيد ڪري، چيائينس تہ عِلافين کي گهوليج ۽ ڪيڻ ۾ ڪري کين هٽ آئي، سعيد جو انتقام وٺج، پوءِ محمد، سن چهاسي جي اوائل

---

(۱) جملي نسخن ۾ "خراسان" آهي، مگر اهو غلط آهي جيئن اڳتي هلي واضح ٿئي ٿو. (نب) (۲) تحفة الڪرام جي روايت موجب عيءَ ماڻهو بلوچن ۽ جتن جو ڏاڏو آهي. ڏسو تحفة الڪرام ص ۲۸، ج ۴. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ہ ھڪڙي علاقي کي ھٿ ڪيو ۽ خليفي جي فرمان مطابق انھيءَ کي قتل ڪري، سندس سر حجّاج ڏانھن موڪليو، ۽ انھيءَ متعلق حجّاج جي خدمت ۾ ھڪ خط لکيائين، [۸۸] جنھن ۾ ذڪر ڪيائين تہ ھڪ علاقيءَ کي تراز جو ڪاڄ ڪيو ويو ۽ جيڪڏھن عمر وفا ۽ بخت ياوري ڪئي تہ ھين کي ٻڌ گرفتار ڪيو ويندو. محمد بن ھارون پنج سال [رھي]، درياءَ ۽ بيابان فتح ڪيا.

انھن تحفن ۽ سوڱاڻين جو ذڪر جيڪي سراندپ کان وقت جي خليفي ڏانھن موڪليا ويا ھٿا.

چون ٿا تہ: سراندپ جي راجا، جزيره يواقيت (۱) مان حجاج لاءِ ھيڏيءَ رستي تحفا ۽ سوڱاڻيون موڪليون؛ [انھن سان گڏ] عجيب موتي ۽ جواھر، حبشي ھاٿا ۽ ھاٿياڻيون، ٻڌ ٻيا لائق تحفا ۽ بيمثال ۽ سائڻ لائق سوڱاڻيون دارالخلافت ڏانھن ٻہ روانيون ڪيائين. ڪي مسلمان زالون ٻڌ ڪعبي [شريف] جي زيارت ۽ دارالخلافت جي ڏسڻ لاءِ انھن سان گڏجي روانيون ٿيون.

جڏھن قازرُون ملڪ ۾ پھتا تہ مخالف واءُ اٿيو، ۽ جھازن کي توائي ڪري، وڃي ديبل جي ڪناري تي ڪڍيائين. ھڪ چورن جو ٽولو جن کي نڪامرہ (۲)

(۱) لفظي معنيٰ جي لحاظ سان "ياقوتن جو ٻيٽ". (۲) ن ب: ننكامره؛ م تنكامره، ح لڪامره، س ٻكامره.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چوندا هٿا ۽ ديبل جا رهاڪو هٿا، سي اٿن ٿي جهازن کي پڪڑي، انهن ۾ پيل سامان کڻي، مردن ۽ زالن کي گرفتار ڪري، سامان ۽ جواهر سڀ ڏوڙي کڻي ويا. سراندیپ جي بادشاهه جي مائهن ۽ عورتن گهٽوڙي چيو ته هو، هيءُ مال وقت جي خليفي ڏانهن نيئي رهيا آهن، مگر انهن توجه نه ڪيو، ۽ سيني کي بند ڪري چيائون ته: جيڪڏهن توهان جو ڪو دادرسي ڪندڙ آهي ته پاڻ کي وري خريد ڪريو. [اتي هڪڑيءَ زال دانهن ڪري [۸۹]چيوته]: "ياحَجّاجُ! ياحَجّاجُ! اَغِيثْنِي اَغِيثْنِي" (او حَجّاج! او حَجّاج! سنهنجي واهر ڪر، سنهنجي واهر ڪر!). اها عورت بني عزيز (۱) قبيلي مان هئي. حجاج هيءَ ڳالهه ٻڌي چيو: "لَبّيْكِ لَبّيْكِ" وسط اسعدي ٻڌايو ته: جڏهن ديبل فتح ٿيو. تڏهن انهيءَ زال کي ڏٺم: سندس چمڙي سفيد ۽ قد ڊگهو هو. ديبل جا واپاري آيا، ۽ جيڪي مائهو انهيءَ ٻيڑي مان ٻچي نڪتا هٿا، تن اچي حجّاج کي هن حال جي خبر ڏني ته: مسلمان زالون ديبل ۾ قيد آهن، "يا حَجّاج! يا حَجّاج! اَغِيثْنِي اَغِيثْنِي" چئي فرياد ڪري رهيون آهن. حَجّاج هيءَ ڳالهه ٻڌي چيو: "لَبّيْكِ لَبّيْكِ" ("حاضر آهيان حاضر آهيان"). پڻ روايت ۾ آهي ته: حجاج کي جڏهن مسلمان عورتن جي خبر پهتي ته [هو چئي رهيون آهن] "اي حجاج اسان جي واهر ڪر،" نڏهن چيائين ته [انهن

---

(۱) پ بني عزيز.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عورتن] گويا مون کي ننڊ سان بيدار ڪيو آهي ته ظالمن ۽ نالائقن کان اسان جي فريادرسي ڪر جو قيد ۾ ٻيون آهيون.

حجاج جو ڏاهر ڪافر ڏانهن قاصد موڪلڻ.

ٻوءِ حجّاج، ڏاهر بن چچ ڏانهن هڪ قاصد موڪليو، ۽ محمد بن هارون ڏانهن [پٽ] خط لکيائين ته: هن قاصد سان ڪو اعتماد جوگهو ماڻهو ساڻ ڏيئي، ڏاهر بن چچ ڏانهن موڪل ته وڃي ڪيس چوي ته مسلمان عورتن کي چڏي ڏئي، ۽ دارالخلافته جا تحفا واپس ڪري، ۽ زالن جي حالت ۾ معلوم ڪري. هڪ خط ڏاهر ڏانهن پٽ لکيائين، جنهن ته پنهنجي هٿ مبارڪ سان دستخط ڪري قاصد کي ڏنائين، جنهن ۾ [۹۰] نهايت تاڪيد سان ڏڙڪو تاب لکيائين. جڏهن هيءُ خط ڏاهر بن چچ کي پهتو، ۽ مَيْدَن جو ديبل ۾ ڏاهر بن چچ جي بادشاهيءَ ۾ هو، تڏهن خط پڙهي ۽ جيڪي پيغام موڪليل هٿا سي ٻڌي، جواب ڏنائين ته: "هيءُ ماڻهو چور آهن ۽ انهن کان وڌيڪ طاقتور کو ڪونه آهي: اسان جي ٻڌ تابعداري ڪانه ڪندا آهن."

حجّاج جي دارالخلافت کان اجازت گهرڻ.

هن خبر پهچڻ تي حجاج، [خليفي] وليد بن عبدالملڪ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي خدمت ۾ اطلاع موڪلي، ڪائنس سنڌ ۽ هيٺ جي جهاد جي اجازت طلب ڪئي. [خليفي] حجّاج کي موڪل نه ڏني. [جنهن تي حجّاج وري] ٻيو ٻيرو لکيو. آخر اجازت ڏني ويئي. پوء حجّاج، عُبَيْدُاللّٰه بن نبهان السّڪسيءِ[۸] کي مڪران [جي جنگ] تي مقرر ڪيو. [هوڏانهن] بُدَيْل [ابن طِهْفَةَ البَجَلي] کي حڪم ڏنائين تہ: محمد بن هارون وٽ وڃ. ۽ مڪران پهچي کيس [دارالحڪومت مان] لشڪر جي موڪلڻ جي خبر ٻڌائج، جيئن هو [ٻه] ٽي هزار ساڻهو تو سان گڏي روانا ڪري. بُدَيْل ٽيهن سَون جنگي جوانن سان روانو ٿيو. عُبَيْدُاللّٰه ٻڌ ان سان گڏ (۱) عمّان جو سمنڊ (عربي سمنڊ) تپي، اڇي ديبل (۲) جي قلعي وٽ پهتو. [طِهْفَة جي هٿان] جڏهن محمد بن هارون کي حجاج جو خط مليو، تڏهن هن هڪ جماعت هن سان گڏي روانو ڪئي، ۽ هو اڇي ديبل پهتو. ديبل جي رهاڪن، ڏاهر ڏانهن

---

(۱) هت اصل متن ۾ "باوي" يعني ان سان گڏ"؛ تاريخي تسلسل جي لحاظ کان "ان سان گڏ" لفظ هتي بي موقعي آهن ۽ سڄي مضمون کي خراب ڪري رهيا آهن. بلاذريء جي لکڻ موجب عُبَيْدُاللّٰه بن نَبهان، بديل بن طِهْفَة کان اڳ ديبل ۾ لڙائي ڪندي شهيد ٿي ويو- تنهن کان پوء حجاج، بديل بن طِهْفَة کي ديبل روانو ڪيو- ڏسو بلاذري ص ۴۳۵-۴۳۶. (ن-ب) (۲) اصل جملي نسخن ۾ "نيرون" آهي جو غلط آهي. صحيح ديبل آهي. ڏسو بلاذري ص ۴۳۵. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اروڙ ڏي ماڻهو موڪليو تہ ڪيس ٻڌيس جي ديبل اچڻ جي خبر ٻڌائي. [اهو ماڻهو] جيسينه (۳) بن ڏاهر کي، جو نيرون ۾ هو. خبر ٻڌائيندو، ڏاهر ڏانهن ويو [۹۱].

جيسينه بن ڏاهر جو نيرون کان پهچڻ.

ڏاهر، جيسينه (۳) کي چار هزار سوار، آٺ ۽ هاڻي ساڻ ڏيئي جلدي روانو ڪيو، جو اچي ٻڌيل کي ساهون ٿيو. [انهيءَ وچ ۾] ٻڌيل، ديبل جي بهادرن کي شڪست ڏيئي چڪو هو. جيسينه (۳) چار هاڻي ۽ ٻيو ساز سامان وارو لشڪر ساڻ ڪري آيو، ۽ اچي لڙائي گهنديائين.

صبح کان شام ڌرڻ تائين ٻنهي طرفن ۾ لڙائي چالو رهي. عين لڙائي هلندي، سوارن جي غلبي ۽ هاڻين کان ٻڌيل جو گهوڙو ٽهڻ لڳو. ٻڌيل دستار لاهي، گهوڙي جون اکيون ٻڌي حملو جاري رکيو، ۽ تنهن کان پوءِ [ٻ] اسي ڪافرن کي جهنم ۾ موڪلي، پاڻ شهيد ٿيو.

---

(۳) جملي نسخن ۾ هن نالي جي صورتخطي "جيسنه" آهي جو معنيٰ جي لحاظ سان جيسينه ٿيندو ۽ دراصل "جيسينه" (يعني "سوپارو شينهن") آهي. هن کان اڳ ساڳي طرح "ڏهرسينه" جو نالو اچي چڪو آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان سڄي ڪتاب ۾ هن نالي جي پڙهڻي "جيسينه" قائم ڪئي وئي آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پوء جنيسنڊ هڪ ٽڪر کي مقرر ڪيو، ۽ ستر هاڻي سندس نگراڻيءَ ۾ ڏيئي، ديهه بکري کيس جاگير ڏنائين.

بُدَيل جي شهيد ٿيڻ جي خبر

روايت ڪئي اٿن تہ: جڏهن حجّاج کي بُديل جي شهيد ٿيڻ جي خبر پهتي، تڏهن غمگين ٿي چيائين تہ: "ازي بانگا! جنهن وقت به نماز جي بانگ چوين تہ دعا ۾ مون کي بُدَيل جو نالو ياد ڏياريندو رهج، جيئن سندس بدلو وٺان." پوء انهيءَ لشکر مان هڪ ماڻهو [۹۲] آيو ۽ حجّاج جي آڏو جنگ جو بيان ڪندي، بُديل جي بهادريءَ ۽ مردانگيءَ جو بيان ڪيائين، جا هن انهي جنگ ۾ ڏيکاري هئي، جيستائين جو هو کسي وبو ۽ اسلام جي لشکر کي شڪست آئي: [چيائين] تہ "مان حاضر هوس ۽ سندس مردانگي ۽ همت ڏسي رهيو هوس." جڏهن گالهه ڪري پوري ڪيائين، تڏهن حجّاج چيو تہ: "جيڪڏهن تون بهادر مرد هجين ها تہ بُديل سان گڏ قتل ٿين ها." [اٿين چئي،] هن کي سزا ڏيڻ جو حڪم ڏنائين.

(بديل جو شهيد ٿيڻ:) عبدالرحمان بن عبد ربّه (۱)

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ "عبدالله" ن ۾ صاف طور "عبد ربه" آهي ۽ پ، ل، م جي پڙهڻين مان به ظاهر آهي تہ اصل لفظ "عبد ربه" آهي. هي راوي ساڳيو "عبدالرحمان بن عبدربه السليطي" آهي، جنهن جو [۸۱] تي ذڪر اڳي ڪو آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کان روایتن ۾ آٹین ٿا تہ: جڏهن بُدیل قتل ٿي ويو، تڏهن کوت نیرون (۱) جا ماڻهو اچي ڏنا تہ عرب جو لشکر هن ظلم جي بدلي ونڻ لاء ضرور اينڊو، ۽ اسين سندن لنگهه تي آهيون، [جنهنکري] پهرين اسان تي کاوڙ چنڊيندا، ۽ اسان برباد ۽ تباهه ٿي وينداسون. انهيءَ وقت نيرون جو حاکم سندر نالي هڪ شمني هو، [تنهن] ڏاهر جي اطلاع کان سواءِ، پنهنجا معتبر ماڻهو حجاج جي خدمت ۾ موڪلي، امان نامو گهريو ۽ پاڻ تي دل مقرر ڪئي، [جنهن لاءِ انجام ڪيائين تہ] وقت تي ادا ڪندو رهندو. امير حجاج انهن کي امان جو پروانو لکي ڏنو، ۽ مضبوط انجام سان دلجاءِ ڏيئي چيائين تہ: اهڙيءَ طرح بندوبست ڪيو، جيئن اسان جا قيدي آزاد ٿين: ۽ جيڪڏهين نہ تہ چين جي حد تائين ڪافرن کي نہ چڏيندس، [بلڪ] اسلام جي ترار سان [کين] ذليل ۽ خوار خراب ڪندس."

اتي عامر بن عبدالله [حجاج ڏانهن] پيغام موڪليو تہ هند جو ملڪ منهنجي حوالي فرماءِ. حجّاج چيو تہ تون طمع ٿو رکين، ليڪن نجومين حساب ڪري نهايو ڪيو آهي، ۽ سون پن ڪٽو وڏو آهي، تہ هند جو ملڪ امير عمادالدين محمد بن قاسم ثقفيؒ جي هٿان فتح ٿيندو [۹۳].

---

(۶) اصل عبارت: حسن ـ نيرون

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عمادالدين محمد بن قاسم [بن محمد بن حڪم] بن آبي عقيل ثقفي جو والي ٿيو

خبرن ۾ تصرف ڪندڙ ۽ روايتن جا تفسير ڪندڙ هيئن ٿا چون ته: جڏهن دارالخلافت طرفان سنڌ جو ملڪ حجّاج بن يوسف ثقفيءَ جي حوالي ٿيو، تڏهن محمد بن قاسم کي جو سنڌس چاچي [جي پٽ] جو پٽ ۽ پٽ ناڻي هو ۽ حجاج جي ڏيءَ سنڌس گهر ۾ هئي- هند جو گورنر مقرر ڪيائين: هن جي عمر سترهن سال هئي. انهيءَ امارت جي مبارڪ باديءَ ۾ حمزه بن بيضض الحنفي هي شعر چيو:

إنّ الشّجاعةَ والسّماحةَ و النّهي

لمحمّد بن القاسم بن محمّد

قادَ الجيوشَ ليسبع عشرةً حجّةً

يافرْبَ ذاليكَ سؤددًا مِنْ مولدِ

[بيشڪ محمد ابن قاسم سائ خاص،

آهي سخا، عقل ۽ رعيت پروري.

سترهن ورهين جي عمر ۾ سردار ٿيو،

ڪيڏي نه آ وڏائي جنم کي سروري!]

ابوالحسن مدائني، بشر بن خالد کان روايت ڪئي آهي ته: بديل جي قتل ٿيڻ کان پوء حجّاج، خليفه وقت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وليد ڏانهن هڪ خط لکيو، جنهن ۾ هندستان جي فتح ڪرڻ جي اجازت گهرياٸين. خليفي لکيو ته: "اها جاهل قوم آهي، ۽ ملڪ تمام پري: ڀڻ لشڪر ۽ لڙائي جي هٿيارن وغيره جي تياريءَ ۽ بندوبست تي وڏيون رقمون خرچ ايندیون ۽ [بيت‌المال تي] گهڻو بار پوندو، جا گهاڻه نهايت خراب آهي ۽ [هي معاملو] ترسائڻ گهرجي: جو ته جڏهن به لشڪر وڃي ٽو ته مسلمان هلاڪ ٿين ٿا: تنهنڪري ڪا مصلحت سوچج" [۹۴].

حجاج جو خط.

پوء حجّاج ٻيو دفعو خط لکي واضح ڪيو ته: اي امير المؤمنين! کيترو وقت گذري ويو آهي ته مسلمان قيدي، ڪافرن جي هٿن ۾ گرفتار ٿيل آهن، ۽ اسلام جو لشڪر هڪ پيرو شڪست کائي چڪو آهي، جنهن جو بدلو وٺڻ ۽ مسلمانن کي آزاد ڪرڻ ضروري آهي: ۽ خط ۾ جيڪو ارشاد ٿيو ته [اها] ولايت پري آهي ۽ لشڪر جي تياري ۽ انتظام ۾ بيفائدي رقم خرچ ٿيندي، [تنهن لاءِ عرض] ته اسان وٽ تياري ۽ هٿيار وغيره سيڪجهه [اڳيئي] موجود آهن ۽ گهڻو تفاوت ڪونه ٿيندو، ۽ جيڪڏهن ڪو خرچ، بار ۽ تڪليف ٿي ته [انهيءَ لاءِ] آءٌ جوابدار ٿو ٿيان ته دارالخلافت جي خزاني مان هن لشڪر تي جيتري رقم خرچ ٿيندي ته انهيءَ کان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پيٽي ڏيڻي رقم خزاني ۾. شال خدا تعالي انهيءَ کي آباد رکي. داخل ڪرائي ويندي: انشاء الله تعالي.

دارالخلافت ۾ خط جو پهچڻ ۽ لشکر لاءِ هندستان جي سفر جي اجازت ونڻ.

جڏهن هن خط خليفي جي مطالعي جو شرف حاصل ڪيو، تڏهن اجازت جو فرمان جاري ٿيو. (حجّاج جو ٻيهر عرض ڪرڻ:) تنهن تي حجّاج ووي ٻيهر عرضداشت موڪلي ته: جنهن صورت ۾ اجازت جي فرمان سان مُشرّف ٿيو آهيان، ته هاڻي شام جي سردارن مان ڇهن هزارن کي حڪم فرمايو ته جنگ جي هٿيارن ۽ ٻئي پوري ساز سامان سان هن لشکر ڏانهن روانا ٿين: [اهي ماڻهو اهڙا نالیوار هجن] جن مان، لڙائي وقت، هرهڪ جو نالو مون کي معلوم هجي، ۽ هو مون سان موافق ٿي رهن، ۽ لڙائي کان منهن نه موڙين [۹۵].

حجّاج جو شام ڏانهن لکڻ.

ابوالحسن [مدائني]، اسحاق بن آيّوب کان روايت ڪئي ۽ چيائين ته: حجّاج جي لکڻ تي شام جي رئيسن جي فرزندن مان اهڙا ڇهه هزار ماڻهو جن جا ٻيءَ ساءَ جيڙا هٿ، ۽ پوري تياري ڪري ٽي سگهيا، ۽ نالیرا بهادر

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جيڪي پنهنجي ننگ ناموس خاطر لڙائي [جي ميدان] ۾ ٻيهي محمد بن قاسم سان وفاداري ڏيکاري ٿي سگهيا، اڃي حاضر ٿيا. (روايت:) ابوالحسن کان روايت آهي ته: ڇهه هزار مشهور نالبرا ماڻهو آيا، انهن مان هڪڙي ماڻهو حجّاج جي اڳيان اچي چيو ته مون وٽ سامان کونهي. حجّاج کيس هڪل ڪري چيو ته: مون وٽان نڪري وڃ، نه ته توکي کهندس." جنهن تي اهو شامي حجّاج وٽان نڪري وڃي ٻڌو. وات تي ٻيا سوار ٿي آيا، جن کانئس پڇيو ته: هن تيزيءَ سان کيڏانهن ٿو وڃين؟ چيائين تہ مون وٽ پورو سامان کونہ هو [جنهنڪري] حجّاج درّکو ڏنو آهي ته توکي سزا ڏيندس. هو کيس موڪلائي وڃي آيا، ۽ فرصت وقت چگي نموني سان پيش کيائون ته: جنهن وقت حڪم ٻڌو تہ [سامان خاطر] دير ڪرڻ جي مجال نہ هئي ۽ خدمت جي سعادت حاصل ڪئي ويئي!

جمعي جي ڏينهن حجّاج جو خطبو ڏيڻ.

پوءِ حجاج، جمعي جي ڏينهن خطبو ڏنو ۽ چيائين: "انّ الايّام ذَاتُ دُوَلٍ وَالحَرْبُ سِجَال" (زمانو قرندڙ ۽ ٻہ منهين ترار آهي:) يَوْمٌ لَنَا ويَوْمٌ عَلَيْنَا (ڪو ڏينهن اسان لاءِ آهي ته ڪو ڏينهن اسان جي خلاف آهي:) جيڪو ڏينهن اسان جو آهي، تنهن ۾ [مخالف] لشڪر کي قيد ڪرڻ گهرجي، ۽ جو ڏينهن اسان جي خلاف آهي، تنهن ۾ تحمل ڪرڻ گهرجي ته

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جيئن اسان تي جيڪا نعمت آهي سا وڏي ۽ جيڪو حادثو ٿيو هجي، سو دفع ٿي وڃي: [۹۶] ۽ نعمت ڪندڙ، [سارهه جي] لائق ۽ بيمثال خداوند عز و جل جا ثورائتا آهيون، سندس تعريف اسان جي زبانن تي جاري آهي؛ ۽ سندس ڪرم ۽ ۽ نعمت ۾ اميدوار آهيون تہ پنهنجي ڪامل نعمت همیشه جاري رکي ۽ ڪوبہ دروازو اسان تي بند نہ ڪري ۽ اسان کي انهيءَ شڪر جو ثواب عنايت ڪري: بُدَيْل جي فراق کان ڏڪ جو آواز هر گهڙي منهنجي دل جي ڪنن ۾ پهچي رهيو آهي ۽ سان لَبَّيْكَ لَبَّيْكَ (حاضر آهيان، حاضر آهيان) چئي رهيو آهيان: خدا جو قسم تہ جيڪڏهن عراق ۽ [ٻيو] جيڪي بہ منهنجي قبضي ۾ آهي، تنهن جو سارو مال هن ڪم تي خرچ ڪريان تہ بہ جيستائين هيءُ ڪو پاڻ تان نہ لاهيندس ۽ بدلو نہ ونندس، تيستائين منهنجي غضب جي باهہ ڇپي ڏڏي نہ ٽيندي."

محمد بن قاسم کي هند ۽ سنڌ ڏانهن روانو ڪرڻ.

ٻوءِ حجاج، محمد کي سوار ڪري، گهڻيون هدايتون ڏنيون، ۽ لشکر کي گهڻي مال سان مضبوط ڪري، هند ۽ سنڌ جي جهاد واسطي مقرر ڪرڻ کان ٻوءِ حجاج هيءُ شعر پڙهيو:

دَعا الحَجّاجَ فارِسَهٗ بُدَيْلٗ

وَقَدْ مَالَ الْعِدُوّ عَلَيَّ بُدَيْلِ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

و شمّر ذيله الحجّاج لمّا
دعاه أن يشمّر بالبديل
فدانت المال للغارات حشوا
بلا عدّ يعدّ ولا بكيل

[سڏيو حجّاج کي بدّيل سوار،
جڏهن دشمن بدّيل کي گهريو،
کنيا حجّاج هن جي سڏ تي ور،
ٿئي مدد لاء واڳ کي ڦيريو،
ٻڪ ٻري مال، مون لئيو لٽي جنگ،
نه گهٽيو آهم مون، نه ٽٽر (اٽر) توريو.]

تنهن کان پوء، حجاج [محمد بن قاسم کي] چيو تہ: شيراز جي رستي کان نکري آهستي آهستي منزلون کندو، روانو ٿيءُ، جيئن پورو لشکر توکي پهچي وڃي [۹۷].

لشکر جو شيراز پهچڻ

پوء محمد بن قاسم جڳي بخت جي مدد سان وڃي شيراز ۾ لٿو ۽ منزل کيائين، جيستائين عراق ۽ شام وارا ميڙي پهچي وياء [هوڏانهن حجّاج] قلعي جي لڙائي لاء

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

گهربل سامان جهڙوڪ منجنيقون، رنبا، تبرون ۽ چلتهو (۱) ڪيشتي ۾ رکي، ابن مغيرهٔ ۽ خرَيمهٔ کي ڪيشتي جو نگران مقرر ڪري، ڪين تاڪيد ڪيو ته جيڪڏهن هنن ٻيڙين کي ڪو نقصان ٿيو تہ انهيءَ لاءِ هو ئي جوابدار آهن، ۽ معاملو سزا تائين پهچڻ نہ گهرجي.

حجاج جو محمد بن قاسم ڏانهن خط.

پوءِ حجّاج، محمد بن قاسم ڏانهن هڪ خط لکيو جنهن ۾ هدايتينس تہ: مان خرَيمهٔ ۽ ابن مغيرهٔ کي روانو ڪيو آهي؛ ڪين حڪم ڏنل آهي تہ ديبل جي آسپاس ۾ اچي توسان ملن، تنهنڪري تو کي ٻيڙين جي پهچڻ تائين اتي ترسڻ گهرجي: الله جي حفاظت ۽ امان ۾ روانا ٿيو- فيي حيفظِ الله وَ عونيه.

(روايت:) اسحاق بن آيوب ۽ هيلوٰاث (۲) ڪلبيي

---

(۱) اصل لفظ "خفتان" آهي، هيءُ هڪ ريشم جو جنگي لباس ٿيندو آهي، جنهن ۾ ريشم جو ڪپڙو هڪٻئي مٿان تہ ڪري سيئو ويندو آهي- سنڌ ۾ هن کي آڪاڻي وقت ۾ "چلتهو" (چهل + ته يعني چاليهن تهن وارو ڪپڙو) چوندا هئا. (مترجم) (۲) اصل ۾ "حلوان ڪلبي" آهي. "حلوان" نالو عربن ۾ گهٽو ڪري ڪونہ آهي. صحيح "هلواث ڪلبي" آهي. جو تاريخ طبري (يورپ ايڊيشن جلد ۲،ص۱۲۷۵) ۾ به فتوحات سنڌ جي سلسلي جو راوي آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

روايت ڪئي آهي تہ: حجّاج پوري لشڪر جي ضروريات جي تياري چڱيءَ طرح ڪئي هئي، بلڪ ڪوشش ڪري ضرورت کان زياده هٿيار ۽ ساڻ ڏنو هئائين.

آڻن جي مدد ڏيڻ.

پوءِ [حجاج] چيو تہ: "توهان جي تياري پوري ٿي چڪي؛ هاڻي چئن سوارن پٺيان هڪ آڻ وڃو. توهان کي باربردار ڏاڇيون ڏيان ٿو تہ جيئن محتاج نہ ٿيو ۽ آڻن تي زياده بار نہ رکو. خدا تعالىٰ کان ڊڄجو، صبر سان سينگاريل رهجو، ۽ جڏهن دشمن جي ملڪ ۾ پهچو [۹۸] تہ ڪشادي ميدان ۾ منزل ڪجو، جيئن خلاصا رهو؛ جنگ جي وقت ٽوليون ٽوليون ٿي جدا جدا طرفن کان اچجو، جاڪاڻ تہ هاڻين جي جنگ ۾ ڪا شيءِ آهي: ۽ جڏهن هو حملو ڪن تہ هڪ جاءِ تي بيهي تير وسائجو، ۽ برگستوان (۱) سامهون ڪري، جهنگلي سرن ۽ هاڻين جهڙيون سيڙهيون ناهجو. [هن کان اڳ] درزين ۽ زرهدارن کي حڪم ڏنائين، جن برگستوانن جون سيڙهيون شينهن ۽ هاڻين جهڙيون ناهيون، ۽ اهي موڪلي ڏنائين. حجّاج جا خط چهن هزارن سوارن، چهن هزارن آڻن ۽ ٽن هزارن بار بردار

(۱) برگستوان هڪ هٿيار هوندو هو جو گهوڙن کي جنگ جي ميدان ۾ پهرائيندا هئا، جيئن هو تراربن جي زخمن کان محفوظ رهن. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بُخْتي آڻي سميت شيراز پهتا. محمد بن قاسم خط پڙهيا. [انهيءَ وقت] هجرت کي ۹۲ سال گذريا هئا (۱).

محمد بن قاسم جو مڪران پهچڻ.

خبرن جي مصنفن ۽ تاريخ جي مؤلفن، عبدالرحمان بن عبدربه (۲) کان هن طرح روايت ڪئي آهي- ۽ انهيءَ عبدالملڪ بن قيس کان روايت ڪئي، جنهن چيو تہ: محمد بن قاسم جڏهن مڪران پهچي، محمد [بن] هارون سان ملاقات ڪئي، تڏهن آءٌ ان سان گڏ هوس: محمد [بن] هارون هن سان پيادو هلڻ لڳو، [پر] محمد بن قاسم، محمد [بن] هارون کي سوار ڪيو ۽ اڇي منزل وٽ پهتا. پهچڻ تي هن [محمد بن هارون] گهٽو سمر، تحفا ۽ سوڪڙيون موڪلي چيو تہ محمد بن قاسم هن نرمي ۽ تواضع ڪري نالو پيدا ڪيو آهي، ۽ انهيءَ ئي تياري، سامان، عقل، استقلال، هنر ۽ دانائيءَ سان سنڌ ۽ هند جو ملڪ فتح ڪندو.

---

(۱) غالباً مراد تہ گذرڻ وارا هئا. حقيقت ۾ سال ۹۲ هجري جو اڳ مس گذريو هوندو، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اڳتي هلي معاوير ٽيندو سال سن ۹۳ هجري جي محرم مهيني ۾ تہ محمد بن قاسم ديبل پهتو هو. (ن-ب) (۲) فارسي ايڊيشن ۾ "عبدالله" پ جي پڙهڻي مطابق عبدربه ٽيڻ گهرجي. هن لفظ جي تصحيح لاءِ ڏسو هن ڪتاب اڳ حاشيہ صفحہ [۸۱] ۽ صفحہ [۹۳]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد [بن] هارون جو محمد بن قاسم سان گڏجي روانو ٿيڻ.

پوء، امن منظر بحري نقل ٿو ڪري ته: محمد بن قاسم اتان آرمابيل ڏانهن روانو ٿيو، ۽ محمد [بن] هارون پڻ هن سان [هلڻ جو] پڪو ارادو ڪيو. هو اگرچ [۹۹] بيمار هو ته به محمد بن قاسم سان [سفر ۾] رفاقت ڪيائين ۽ رستي جي سختي سبب سندس بيماري وڌي ويئي، ۽ بيماريء [جا دورا] کان متاثر ٿيڻ لڳا. جڏهن ارمابيل جي منزل تي پهتو ته سندس عمر پوري ٿي ۽ پياروساهه حق تعالي جي حوالي ڪيائين. ڪيس اتي دفن ڪيائون.

لشڪر جو ارمابيل کان اڳتي وڌڻ.

پوء محمد بن قاسم لشڪر وٺي، ديبل ڏانهن روانو ٿيو. انهي وقت جيسيه بن ڏاهر، نيرون ۾ هو، تنهن ڪري ڏانهن لکيو ته: محمد بن قاسم عربستان کان لشڪر وٺي ديبل جي حدن ۾ پهتو آهي: [سون کي اجازت ڏيو] ته مان انهيء سان جنگ ڪرڻ وڃان؟ ڏاهر، عيلافيئن کي گهرائي انهن کان صلاح پڇي. عيلافيئن ڏاهر کي چيو ته: "محمد بن قاسم، حجاج جو عمزاده آهي. هن سان بهادر لشڪر سان آهي، جي نديرا بهادر، شريفزادا ۽ جنگي جوڌا آهن، [جن] چونڊ گهوڙن ۽ پورن هٿيارن سان توهان جي لڑڻ واسطي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

توجہ ڪيو آهي: خبردار! انهن سان سامهون نہ ٿجو، ڇاڪاڻ تہ هن وقت شام ڪان هڪ ماڻهو آيو آهي، جنهن ٻڌايو آهي تہ عرب جي لشڪر جو هڪ سوار ڏاهر ڪان انتقام وٺڻ لاءِ آيو آهي." ڏاهر پٺ ڪي، انهن سان وڙهڻ ڪان منع ڪئي.

حجاج بن يوسف جو فرمان، ارمابيل جي منزل تي محمد بن قاسم کي پهچڻ.

محمد بن قاسم جڏهن ارمابيل فتح ڪيو، تڏهن حجاج جو خط ارمابيل پهتو، جنهن ۾ اشارو هو تہ: ديبل جي حد ۾ جڏهن منزل ڪريو. [۱۰۰]، تڏهن منزل تي خبردار رهجو ۽ جڏهن لهو [۽ آرام ڪريو] تڏهن [پنهنجي چوڪاري] ڪاهي ڪوٺجو تہ توهان لاءِ بچاءُ ۽ پناهہ هجي، ۽ گهاٽو ڪري بيدار رهجو، ۽ جيڪو آدمي قرآن پڙهندڙ (حافظ) هجي، سو هميشہ قرآن جي تلاوت ۾ رهي ۽ ٻيا دعا ۾ مشغول رهن؛ ۽ نهايت ڪوشش سان هوشيار رهجو، ڏيرج کي پنهنجو سينگار بنائجو، خدا عزوجل جو ذڪر زبان تي جاري رکجو، ۽ اللہ تعاليٰ جي توفيق ڪان مدد گهرندا رهجو تہ جيئن خدا تعاليٰ توهان کي فتحمند ڪري، ۽ گهٽو ڪري لاَ حَوْلَ وَلاَ قُوَّةَ إِلاَّ بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيمِ (۱) (وڏي ۽ بزرگ اللہ تعاليٰ جي امداد ڪان سواءِ ٻي ڪابہ واه ۽ قوت ڪانہ آهي)، جي قول کي پنهنجي واهر ۾

(۱) هي آية ڪانهي. آية صرف "لاقوة الا با الله" آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪر آڻجو؛ ۽ جڏهن ديبل جي حد ۾ پهچو، تڏهن هارهن وال وبڪري، ڇهه وال اونهي ۽ ڇهه وال اوچي ڪاهي کوڻجو؛ جڏهن دشمن جو مقابلو ڪريو تہ خاموش رهجو، اگرچ دشمن نعرا هڻي بيهودي ٻڪرات ڪن؛ ۽ جنگ ۾ سنبري بيهن تہ به جيستائين مان حڪم نہ ڏيان، توهان جنگ نہ ڇيڙجو: ۽ منهنجي خطن مان احوال معلوم ڪجو، ۽ جيڪا صلاح مان ڏيان، اها چڱي سمجهي انهيءَ تي عمل ڪجو تہ انشاءَ الله تعالي توهان جو مشڪل حل ٿيندو.

عرب جي لشڪر جي تياري ۽ حجاج جو خط پهچڻ

پوء [محمد بن قاسم] جڏهن ارمابيل کان اڳتي روانو ٿيو، تڏهن [محمد بن] مُصْعَب (۱) بن عبدالرحمان کي لشڪر جي مُقدمه (مهڙ) تي مقرر ڪيائين؛ جَهْم بن زَحْرالْجعْفي کي ساڄ (ڇاڙي) تي ڪيائين، عَطيّه بن سَعْد العَوْفي کي مَيمْنَه (سجي) تي مقرر ڪيائين. موسيٰ بن سنان [۱۰۱] بن سَلْمَه الْهذَلي کي مَيْسَرَه (کهي) تي ڇڏيائين: باقي هوشيار، ترار

---

(۱) اصل ۾ "صاحب": صحيح "مصعب" آهي، جيئن اهو ساڳيو نالو فتحنامه ۾ ۱۴۶، ۱۵۵، ۱۷۴ ۽ ۱۸۰ صفحن تي آيو آهي، مگر انهن سمورن صفحن تي "مصعب بن عبدالرحمان" آهي ۽ صحيح محمد بن مصعب بن عبدالرحمان آهي، جيئن تہ بلاذري (فتوح‌البلدان س ۴۲۸) جي روايت ۾ آهي تہ: بَعَثَ محمّد بن القاسم، محمد بن مصعب بن عبدالرحمان الثقفي الي سدوسان. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جا ڏڻي ۽ خاص ساڻهو قلب (وچ) ۾ پنهنجي اڳيان ڪري اڳتي وڌيو، ۽ نيٺ جمعي جي ڏينهن سن ۹۳ هـ جي محرم مهيني ۾ [اڇي ديبل پهتو،] ۽ ٻيڙا ۽ هٿيار پڻ انهيءَ ڏينهن خريم بن عمرو ۽ ابن مغيرهَ جي [نگراني هيٺ] ڪيس پهتا. هنن حجاج جا خط ڪيس ڏيئي، جنگ لاءِ ڪاهيءَ کوڙ جي صلاح ڏني. انهن خطن ۾ لکيل هو تہ: تنهنجي خدمت ۾ مڪيہ ساڻهو مقرر ڪيل آهن: هڪ عبدالرحمان بن سُلَيم[۸] (۱) اَلکَلبي[۸]، جنهن جي بهادري ۽ مردانگي ڪيئي دفعا آزمائي ويئي آهي، ۽ کوبہ دشمن جنگ ۾ سندس مقابلو ڪري نٿو سگهي، ٻيو سُفيان بن الابرَد[۸]، جو دانائيءَ ۾ يگانو ۽ عقل ۾ امين ۽ پاڪدامن آهي، قُ بن برک الکلابي، جنهن اسان کي مشڪلات ۾ مدد ڪئي آهي ۽ عزت جو لائق ۽ راستگو آهي، ۽ جا مصلحت سندس حوالي ڪئي ويندي ۽ ان ۾ فرمانبرداريءَ جا شرط بجا آڻيندو، سلامت کان پاڪ آهي، ۽ حجاج جو هميشہ مددگار رهيو آهي: ۽ جرّاح بن عبدالله، جو تجربيڪار مرد آهي يعني جنگ آزمايل اٿس ۽ فضيلت وارن تي ترجيح ڪي ٿو، مُجالِع بن سُوهَد آزدي: اِهي سڀ منهنجا اعتماد جوگها صلاحڪار آهن، ۽ ڪنهن بہ هڪڙي کي ٻئي کان وڌيڪ امين ۽ پاڪدامن نٿو سمجهان: مون کي اميد آهي تہ هو تو سان مخالفت ۽ دشمن سان ساز باز نہ ڪندا؛ ۽ هن سڄي جماعت مان جن

---

(۱) فارسي متن ۾ "مسلم" جو صحيح نہ آهي. ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [۱۰۲] (نـب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جو ذکر خط جي شروع ۾ ٿيو آهي، سون کي کوبہ ماڻهو خُرَيْم بن عَمْرو کان وڌيڪ پيارو نہ آهي، چاکاڻ ته هو مردانو ۽ شيردل آهي؛ جنگ جي وقت بهادر [۱۰۲] [رهي ٿو] ۽ ڳٽيءَ ۾ نٿو پوي؛ هو چوندِ ماڻهن مان آهي ۽ عزت جي لائق؛ ۽ پيءُ ڏاڏي کان وٺي مخلص ۽ سچو آهي، ۽ جڏهن خُرَيْم توسان همراه آهي ته پوءِ سون کي کوبہ ڊپ نہ آهي، چاکاڻ ته هو سڀني عادتن ۽ وٽندڙ اخلاقن سان سينگاربل آهي، ۽ کنهن بہ مخلوق کي تنهنجو مخالف ٿيڻ نہ ڏيندو؛ هن کي ٻاڻ کان پري نہ ڪج: ۽ هن خط پڙهڻ کان پوءِ، جيستائين جيڪي وهي وابري رهيو آهي، سو [اسان ڏانهن] پورو ڪولي نہ لڪين، تيستائين کاڏو پيتو نہ کائج.

حجّاج جو امير محمد بن قاسم سان ڏاڍو پيار هو؛ سندس انتها محبت ۾ کيئي دفعا خيراتون ڏيندو هو ۽ دعائون گهرندو هو. بَکْر بن وائِل ۽ عُدَيْل بن فَرخ (۱) محمد جي دوستن مان هئا؛ انهن سندس پرپٽ ڏاڇيون قربان ڪيون، ۽ انهن جي بها ۾ پنهنجن زالن ۽ نياڻين جا گهڻ ڏنا ته جيئن شبهي کان خالي رهي، ۽ عديل هي شعر چيو:

سَلَبْتُ بَنَاتِي حَلْيَتَهُنَّ فَلَمْ آدَعْ
سِوَارًا وَلَا طَوْقًا وَقُوْطًا مُذَهَّبًا

---

(۱) اصل ۾ "فرح" مگر صحيح "فرخ" آهي. ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [۱۵۳]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وَمَا غَرَّنِي الاذانُ حَتّي كَانَّمَا
تُعَطَّلُ بِالْبِيْضِ (۱) الاَرانِبُ اَرْنَبَا
مِنَ الدُّرِّ وَ الْيَاقُوْتِ مِنْ كُلِّ حُرَّةٍ
تَرِي سِمْطَهَا فَوْقَ الْخِمَارِ مُثَقَّبَا
دَعَوْنَ اَمِيْرَ الْمُؤْمِنِيْنَ فَلَمْ يُجِبْ
دُعَاءً، فَلَمْ يَسْمَعْنَ اَمَّا وَلا اَبَا.

[ڪسيا مون پنهنجي نياڻين جا گهر، جو تان نه ڇڏيم،
ڪنگڻ، ڪنمال، ٽوڙي سون جا والا.

نه پُلايو مون ڪي ڪنن (جي گهن) ۾، تان جو ڇڻ،
نه آهن گهورين کي پائڻا کي گهڻ ۽ گهڻا.

۽ هر ورُنهه جون (ڪنيم) دُر ۽ ياقوت سندين،
لڙهيون، جي مڙهيل تن متان جي متن ها روا.

ڪيو فرياد تن امير- مومنن کي مگر،
ٻڌائين ڪين؛ نه چورياڻون پوء پيءُ ماءُ پنهنجا.]

دوراندیش حڪيمن ۽ بهتري چاهيندڙ بزرگن،
ابوالحسن کان روايت ڪئي، جنهن چيو ته بَني تَميمُ جي

---

(۱) فارسي ايڈيشن ۾ "البيض" ۽ "يَسمَعن" پڙهيون آهن. تصحيح علامہ استاد عبدالعزيز الميمني طرفان آهي، مترجم، هن جملي شعرن ۾ مونجهارو سمجهي ان جو ترجمو ڪرڻ مناسب نه سمجهيو ويو- هي ترجمو بنده پنهنجي ناقص عقل موجب ڪيو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آزاد کيل غلام، ابو محمد کان پڌم ٿي: محمد بن قاسم ديبل جي پسگردائيءَ ۾ اچي لٿو، ۽ کاهي کوڙي، جهنڊا کولي، نوبت وڄايائون، جو لشکر جنهن جاءِ تي مقرر هو، سو اتي رهيو، ۽ مَنْجَنِيقُوْن ٻاهر کڻي [۱۰۳] سڌيون کيائون. هڪ مَنْجَنِيق خاص اميرالمؤمنين جي هئي، جنهن جو نالو "عَرُوسَک" هو: هن جي نرساد جي ميلاپ کي پنج سؤ ساٺهو ڇڪيندا هئا، تڏهن هن مان پٿر نڪرندو هو.

ديبل جي وچ ۾ هڪ بلند ۽ وڏو بتخانو هو. انهي جي مٿان هڪ گنبذ هو، جنهن تي پٽ جو ساڏو جهنڊو هڏل هو. بتخاني جي اوچائي چاليهه وال هئي؛ گنبذ ٻڌ چاليهه وال اوچو هو. انهيءَ جهنڊي جي ڏيگهه هن طرح هئي، جو انهيءَ جهنڊي کي چار ٻيرقون (۱) هيون، ۽ کولڻ تي هرهڪ ٻيرق هڪڙي هڪڙي طرف پکڙجي ويندي هئي، ۽ ٻيرق جي چوڻي بُرجن جي لڙکڻ واڱگيان ٿي ٻيهندي هئي. اسلام جي لشکر ڏسڻ شرط، قلعي وارا بتخاني جو جهنڊو کولي لڙائي لاءِ سامهون ٿيا، ۽ اسان کي [اندر وڃڻ جي] اجازت نه ٿي (۲).

اهڙيءَ طرح ست ڏينهن گذري ويا. هر روز خط ايندو هو. ۽ ترسڻ جو حڪم ٿيندو هو. آخر انهن ڏينهن اجازت جو پروانو آيو. محمد بن قاسم لشکر کي تيار ڪري حملو ڪيو، جنهنڪري قلعي وارن وڃي قلعي ۾ پناهه ورتي.

---

(۱) اصل عبارت: چهار زبانه. (۲) هيءُ بني تميم جي غلام ابو محمد جو چوڻ آهي، جيڪو مڪمل سلسلي مان ظاهر آهي. (نب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اوچتو هڪ برهمن قلعي جي اندران ٻاهر آيو، ۽ امانُ گهري چيائين: شاهُ امير عادل سلامت رهي! امان! جي نجوم جي ڪتابن ۾ هن طرح حڪم آهي ته: سنڌ ملڪ، اسلام جي لشڪر جي هٿان فتح ٿيندو ۽ ڪافر شڪست کائيندا: پر هي بتخاني جو جهنڊو طلسم آهي، ۽ جيستائين بتخاني جو جهنڊو برقرار آهي، تيستائين هيءَ قلعو هٿ آڻڻ امڪان کان ٻاهر آهي؛ تنهنڪري هن بتخاني جي چوڻيءَ ٻاهر جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جيئن سنڌس جهنڊو ذرا ذرا ٿي وڃي، ۽ فتح حاصل ٿئي [۱۰۴].

جَعْوَنَهْ (۱) جو منجنيق سان بتخاني جي جهنڊي کي ڇڪڻ.

ٻڌو محمد بن قاسم، جَعْوَنَهْ السُّلَمِيَ مَنْجَنِيقِيءَ کي گهرائي چيو ته: "بتخاني جو هي جهنڊو ۽ ٻيرق منجنيق جي پٿر سان ڇڪي سگهندين؟ جيڪڏهن ڪيرائيندين ته توکي ڏهه هزار درهم انعام ڏيندس." جَعْوَنَهْ چيو: "هيءَ دارالخلافت جي خاص منجنيق [آهي] جنهن کي "عروسڪ" چون ٿا، جيڪڏهن هن مان ٻه گز ڪپيا ويندا ته مان نٿو پٿرن سان جهنڊو ۽ ٻيرق ڪيرائي، بتخاني جي چوڻي ڇڪي وڃهندس." محمد بن قاسم چيو ته: "جيڪڏهن پٿر سان بتخاني جي

---

(۱) اصل ۾ هن جاءِ تي توڙي اڳتي "جعوبه" آهي، جو ناڪو عربن ۾ غير معروف آهي. تصحيح علامه استاد عبدالعزيز الميني طرفان آهي، جنهن جي تصحيح مطابق هر جڳهه "جَعْوَنَهْ" لکيو ويو آهي. (نـب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چوڻي ۽ جهنڊو پڇندين تہ توکي ڏهہ هزار درهم انعام ڏينداس؛ پر جيڪڏهن منجنيق برباد ڪرين ۽ بتخانو به نہ ٽوڙين تہ پوء ڪهڙو شرط آهي؟" جنعونہ^ چيو "جيڪڏهن [نشانو] گسي تہ پوء جنعونہ^ جو هٿ ڪپي ڇڏجو." محمد بن قاسم، ملک الامراء (امير جي بادشاهہ) حجاج بن يوسف ڏانهن خط لکيو، جنهن ۾ جنعونہ^ جا شرط داخل ڪيائين. نائين ڏينهن ڪرمان طرفان جواب پهتو، فرمان ۾ به ساڳيو شرط لکيو ويو هو. [وڌيڪ] لکيائين تہ: جڏهن جنگ لاء اڳتي وڌو تہ مناسب ائين آهي تہ سج کي پٺي ڏيو، جيئن دشمن کي چگي طرح ڏسي سگهو؛ ۽ جنگ جوئن جي پهرئين ڏينهن الله تعالي کان امداد ۽ اعانت گهرجو، سنڌ جو کوبہ ماڻهو جيڪڏهن امان ڳهري تہ کيس امان ڏجو، سگر ديبل جي ماڻهن کي کنهن به صورت ۾ پناهہ نہ ڏجو.

پوء قلعي جي ڪاهنن مان هڪ ماڻهو نڪري آيو ۽ چيائين تہ: اسان جڏهن به پنهنجي ڪتاب مان نتيجو ڪيندا هئاسون، تڏهن هميشه ظاهر ٿيندو هو تہ هند جي بادشاهہ جي بادشاهيء [جي مدت] پوري ٿي چڪي آهي، ۽ مسلمانن جو دور اچڻو آهي. [تنهنڪري] قيدين کي اسلامي لشڪر جي اچڻ جي دلداري ڏني پٺي وهئي. هينئر پڻ [۱۰۵] امير منهنجي عيال اطفال کي پناهہ ڏيئي، اهڙو پروانو لکي ڏئي تہ آءُ واپس وڃي ڪين تسلي ڏيان. محمد بن قاسم انهيءَ کي امان ڏيئي واپس موڪليو تہ جيئن پنهنجا پوء لڳ آئي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

قيدين جي پاڙي ۾ گڏ ڪري [ويهاري.] ٻوءِ انهيءَ برهمڻ قلعي ۾ وڃي قيدين کي آزاديءَ جي خوشخبري ڏني، [۽ ٻڌايائين] تہ محمد بن قاسم، حجاج جو عمزاده (۱) [آهي] آهي، ۽ سندس [هٿان] قلعو فتح ٿيندو ۽ توهان کي آزادي ملندي.

عمادالدين محمد بن قاسم جو جَعونَہ منجنيقيءَ کي پاڻ وٽ سڏڻ.

ٻئي ڏينهن، جو ديبل ۾ رهڻ جو نائون ڏينهن هو، جيئن سج مشرق کان ايٿربو، تيئن محمد بن قاسم جَعونَہ کي گهرايو. هن جتان چيائين انان منجنيق کي کپائون. پوءِ لشکر تيار ڪري، قلعي کي چوطرف ڦري اچي تير وسايائون. ڇهن پنج سؤ رَسا ڇڪيندڙ ماڻهو آڻي بيهاريائون. جَعونَہ پهربون پٿر اڇلايو ۽ مسلمانن تڪبير هنئي. پهرئين ٽي ڏڪ سان بيرق ڦاڙي ٻئي ۽ لڪڑي جي چوڻيءَ کان ڌار ٿي ويئي. ٻيو پٿر سڌو بيهاري، تول ڪري بتخاني جي چوڻيءَ تي هنيائين، ۽ چوڻي ڀڃي ٻئي. [بس ٻوءِ]، جڏهن چوڻيءَ جو گنبذ ڏهي پيو ۽ جادوءَ جا طلسمات پريشان ٿي ويا، تڏهن ديبلي حيران ٿيا. [هوڏانهن] خداوند عزوجل جي حڪم سان قلعو ٻه اچي پٽ ٻيو.

محمد بن قاسم لشکر کي تيار ڪيو. پهريائين

(۱) اصل ۾: ابن عم حجاج

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جَهْم بن زَحْر الجُعيفي کي مشرق ڏانهن مقرر ڪيائين، عَطاء بن مالڪ القَيسيءَ (١) کي اولهه ڏانهن ٻيهاريائين، نبّاته (٢) بن حَنْظَلَه ڪَلابيءَ کي اتر جي ديوار کان جنگ [١٠٦] جو حڪم ڏنائين، عَوْن بن ڪُلَيْب(٣) دِمشقيءَ کي ڏکڻ جي برج تي ڪڙو ڪيائين، ۽ ذَکْوان بن عَلْوان البکْريّ (٤)، خُرَيْم ۽ ابن مُغيرَه کي قلب (لشکر جي وچ) ۾ رکي، بصره جا هڪ هزار جنگي مرد سندن ڪمان هيٺ رکيائين. پوءِ جنگ جو نغارو وڄايائون. پهريون پهريون ماڻهو جيڪو قلعي تي چڙهيو، سو (شهر) ڪوفي جو صعدي بن خريمه (٦) [نالي] هو. ۽ تنهن کان پوءِ بصره جو عِجْل بن

---

(١) اصل متن ۾ "المشي" آهي جو صحيح نٿو نظر اچي: غالباً اهو لفظ القَيسي يا القَيْني جي بگڙيل صورت آهي. غور ڪرڻ گهرجي. (ن-ب) (٢) فارسي ايڊيشن ۾ "بنانة" آهي. ن جي پڙهڻي "نباته" آهي جا صحيح آهي. (٣) هي پڙهڻي فارسي ايڊيشن مطابق آهي، مگر مشڪوڪ آهي. مختلف نسخن ۾ مختلف بگڙيل پڙهڻيون آهن. مثلاً: قليت، تليته، تيسب، قليت. (ن-ب) (٤) فارسي ايڊيشن ۾ "ذکوان بن حلوان بکوي" پڙهڻي ڏنل آهي. جا درست نه آهي جو تم "حلوان" نالو عربن ۾ غير معروف آهي. ن تي ڙي ر جي پڙهڻي "ذکوان بن علوان بکري" آهي، جا زياده صحيح آهي. پ ۾ آخري لفظ صاف طور "البکري" آهي. انهن پڙهڻين جي مدار تي نالو درست ڪيو ويو آهي. (ن-ب) (٦) هن نالي ۾ وڏو شڪ آهي. ڏسو آخر ۾ حاشيه صفحه [١٠٧]

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عبدالملک بن قيس الدمي [العبدي؟]: جڏهن اسلام جو لشکر قلعي مٿان چڙهي ويو، تڏهن ديبلين دروازو کولي امان گهري، جنهن تي محمد بن قاسم فرمايو تہ: مون کي امان جو حڪم ناهي، پوء هٿيار بندن جو ڪوس ٿي ڏينهن جاري رهيو.

جاهين بن برساید راوت راتو رات قلعي جي ديوار تان ٽپو ڏنو. [هوڏانهن] ڏاهر [بـن] چـچ گهوڙا ۽ آڻ موکليا. (۲) جيئن هو ٻاهر نڪتو تہ سوار ٽيل هـو ۽ پٺي ويو، [تان جو] مهراڻ ندي تي انهيءَ جاء وٽ پهتو، جنهن کي "ڪارمتي" چون ٿا، [جا] ايرندبنءَ مهراڻ جي طرف (يا مهراڻ جي ايرندي طرف) آهي (۲). تڏهن اتان ڏاهر ڏانهن،

---

(۱) فارسي ايڊيشن جي متن ۾ "الدميني" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي. هي نسبت فتحنامہ ۾ ٻي دفعا آئي آهي: هن [۱۰۷] صفحي تي ۽ وري [۱۲۳] ۽ [۲۱۸] صفحن تي. فارسي ايڊيشن ۾ ۱۲۳ صفحي تي "الدتيقي" ۽ ۲۱۸ صفحي تي "الدمني" لکيو ويو آهي؛ مگر پڇاڙيءَ ۾ ڏنل توضيحات ۾ ايڊيٽر جي راء ۾ هيءُ لفظ "شايد الدمني يا الدهني صحيح ٿيندو" (ڏسو فارسي ايڊيشن صفحہ ۲۶۲). هي لفظ نهايت مشڪوڪ آهي، جنهن جي تصحيح مشڪل نظر اچي ٿي. مختلف نسخن جي پڙهڻين تي غور ڪرڻ سان هن لفظ جي عاري شڪل هن طرح ٻيهي ٿي "الدمي" جا متن ۾ رکي وئي آهي. هن جڳهہ تي مختلف نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن: **ن، پ، ح**، الديتي؛ **پ**: الديني؛ **س**: الاستي. "العبدي" لاء ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [۱۰۷]. (ن-ب) (۲)-(۲) اصل عبارت: "چون بيرون آمد و سوار شده بود و ميرفت، بجوي مهران رسيد. بموضع کہ آنرا کارمتي گويند از جانب مشرق مهران". ڀڙ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [۱۰۷]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خبر ڏيڻ واسطي، هاڻي روانو ڪيائين. ڏاهر پڇيو تہ: جاهين ٻڌ ڪٿي پهتو آهي؟ انهيءَ ماڻهو جواب ڏنو: "ڪارمتي" يعني "ڪاري مٽي" وٽ. [اتي] ڏاهر چيو تہ: تنهنجي مٿي ۾ ڏوڙ پوي شال! بادشاهن جي آڏو برو نالو وٺن نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ مان بري فال وٺندا آهن. اٿين ڇو نٿو چوين تہ "ندمتي" يعني "گل سيمين" (چاندي واري مٽي) وٽ پهتو آهي.

پوءِ محمد بن قاسم بتخاني ۾ آيو. ڪن ماڻهن بتخاني ۾ پناهہ ورتي هئي، ۽ در بند ڪري پاڻ کي ماڙن ڇاهيائون ٿي. در تي جيڪي ۾ ماڻهو هئا، تن کي ٻاهر ڪڍي [۱۰۷] قتل ڪيائون. ست سؤ سٺيون ٻانهيون جيڪي بت جي خدمت ۾ رهنديون هيون، تن سڀني کي جڙاءُ زيورن ۽ زرين لباسن سميت گرفتار ڪيائون، ۽ چئن هزارن ماڻهن ۽ کي چون ٿا تہ چئن سون ماڻهن [قلعي] ۾ اندر اچي انهن جا زيور لاٿا.

جنهن برهمڻ کي محمد بن قاسم امان ڏني هئي، تنهن کي وٽي اچڻ.

پوءِ محمد بن قاسم- جنهن ماڻهو کي امانُ ڏني هئي، تنهن کي وٽي اچڻ جو حڪم ڪيو. جڏهن آيو هو، تڏهن سندس چوڻ تي مسلمان زالون ۽ مرد جيڪي قيد ٿيل هئا، جيڪي سراديپ جي ٻيڙين مان گرفتار ٿيا هئا، يا جيڪي بدَيل جي لشڪر جا ماڻهو قيد ڪيا ويا هئا، تن سڀني کي ٻاهر آڻي آزاد ڪيائون. پوءِ جيڪو لشڪر ديبل جي قلعي ۾ هو، تنهن کي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اتي ٿي قائم رکي، اها جماعت [پڻ] ساڻن گڏ مقرر ڪيائين ته جنهن صورت ۾ گهٽو وقت جيل ۾ بند هٿ، تنهنکري انهيءَ تڪليف جي بدلي ۾ ڪجهه وقت کين آرام ملي، ۽ زماني غدار جي هٿ کان ڪجهه وقت آسودا رهن: [ڀر] کين گهرجي ته قلعي جي حفاظت ۾ نهايت ڪوشش ڪندا رهن.

قبله نالي جيلر کي وڻي اچڻ.

ديبل جي قيدين جي مٿان مهترائج جو پٽ قبله (۱) نالي هڪ شخص مقرر هو. هو نهايت داناء، هوشيار ۽ هندستان جو اديب، ماهر لکندڙ ۽ چگو علم وارو هو، ۽ بُدَيْل جو لشکر خواه سرانديپ جا قيدي سندس نگراني هيٺ هٿا. [محمد بن قاسم انهيءَ کي] گهرائي سزا ڏيڻ جو حڪم ڪيو. هن چيو ته، "اي امير، اسلامي قيدين کان [۱۰۸] پڇ ته مون ساڻن ڪيئن گذاريو آهي، ۽ [ڪيئن] سندن آرام ۽ تخفيف ۾ بيحد امکان ڪوشش ڪندو رهيو آهيان: جڏهن صاحب جي اڳيان اها حقيقت روشن ٿئي ته پوء مون کي ڇڏڻ کان معافي ڏئي."

محمد بن قاسم جو ترجمان کان پڇڻ.

پوء محمد بن قاسم ترجمان کان پڇي چيو ته، ڪائنس

---

(۱) پ: قله

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پڇ ته: "قيدين سان تو کهڙي مهرباني ڪئي آهي؟" هن چيو ته: "[خود] قيدين کان پڇا ڪريو ته پاڻهي هن حال جي ڪيفيت ۽ هن ڳالهه جو انداز امير کي معلوم ٿي ويندو."

قيدين کان حال پڇڻ.

محمد بن قاسم قيدين کي حاضر ڪرائي، کانئن پڇيو ته: "هي قبله جبار توهان سان کهڙي همدردي ۽ رعايت ڪندو هو؟" جنهن تي سيني گڏجي چيو: "اسان سندس شڪر گذار آهيون. هن اسان جي همدرديءَ ۾ ڪي به باقي نه ڇڏيو. هميشه اسان کي اسلام جي لشڪر پهچڻ جي دلداري ڏيندو، ۽ ديبل جي فتح ٿيڻ جو اميدوار ڪندو رهيو." محمد بن قاسم هن کي اسلام آڇي ڪيس اسلام جي عزت سان مشرف فرمايو ۽ هو شهادت جو اقراري ٿيو (۱)، [جنهن تي] هن کي انهيءَ نواب جي حوالي ڪيائين، جو ديبل تي مقرر فرمايو هئائين، انهيءَ لاءِ ته ملڪ جي مصلحتن ۽ آمدني ۽ خرچ جي حساب ڪتاب چڪاسڻ ۾ سندس حاضري اعتبار جوگي سمجهي وڃي: ۽ حُمَيد بن وَداع النَّجدي کي اتي جو گورنر مقرر ڪري، انهيءَ ملڪ جي اِمارت جا نندا وڏا حق ڪيس عطا ڪيائين [۱۰۹].

---

(۱) يعني الله تعالىٰ جي هيڪڙائي ۽ رسول ڪريم جي رسالت جي شاهدي ڏنائين. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ديبل جي غنيمتن، غلامن خواه روکڙ مان پنجون حصو وصول ڪرڻ.

تاريخ نويسن حڪم بن عمرو کان هن طرح روايت ڪئي آهي ته: هن پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي کان روايت ڪئي، ته جنهن هرهمڻ امانُ گهري هئي، تنهن جو نالو سوديو (۱) هو: سنهنجي ڏاڏي چيو ته مون انهيءَ کان پڇو ته: جڏهن ديبل فتح ٿيو، ۽ مسلمان قيدي آزاد ٿيا، ۽ غلام باهر ڪڍياڻون، تڏهن محمد بن قاسم حڪم ڪيو ته غنيمتن مان پنجون حصو ڪڍي خزاني ۾ پهچايو وڃي؛ جنهنڪري ديبل جو پنجون حصو پورو حجاج جي خزاني جي حوالي ٿيو: باقي ارمابيل (۲) جي فتح جون غنيمتون [پوريون] حقداري جي مدنظر ته، سوار کي ٻه حصا ۽ آٽ ۽ پيادي کي هڪ حصو ڪري [تقسيم ڪياڻون] باقي رهيل نقدي، غنيمتون ۽ غلام گڏ ڪري رکياڻون: ديبل جي راجا جون ٻه ڏيئرون ٻه هيون، سي حجاج جي خدمت ۾ موڪلياڻون.

ديبل جي لڪجڻ جي خبر راجا ڏاهر کي پهچڻ.

[هن] حڪايت جي راوي حڪم کان نقل ڪيو آهي ته: جڏهن ديبل جي فتح جي خبر راجا ڏاهر [بن] چچ کي پهتي ته ديبل اسلام جي لشکر جي هٿ آيو، ۽

---

(۱) پ،ن،ب،ح سود ديو. (۲) ن، ب، س: ارمن بيله- پ: ارسائيل: ڪ: ارسابيله.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ديبل جو حاڪم (١) پڇي جيڪسينڊ وٽ نيرون ڪوٽ هليو ويو، ۽ [انهي ماڻهوءَ] شامين ۽ عربن جي بهادريءَ ۽ دليريءَ جون خبرون ڪيس ڪولي ڪولي ٻڌايون، تڏهن ڏاهر نيرون ڪوٽ ڏانهن جيڪسينڊ کي خط لکيو ته هن خط پڙهڻ شرط هڪدم مهراڻ ندي ٽپي. برهمٽاباد قديم ۾ اچي ۽ ڪوٽ نيرون تي شمني کي مقرر ڪري، ڪيس قلعي جي حفاظت جو تمام گهڻو تاڪيد ڪري [١١٠].

محمد بن قاسم جو ارمابيل (٢) ۾ منزل ڪرڻ.

(هوء محمد بن قاسم ديبل ڪان ارمابيل جي لڙائيءَ جو ارادو ڪيو، چاڪاڻ ته ڪيس انهيءَ رستي ڪان ڪوٽ نيرون وڃڻو هو. جڏهن منزل تي پهتو ته ڪيس راجا ڏاهر جو خط پهتو، جو هن لکيو هو) (٣).

راجا ڏاهر جو خط.

بسم الله العظيم ذي الوحدانيه و رب سيلائج (هيڪڙائي واري وڏي ۽ سيلائج جي رب الله جي نالي سان:) هي خط آهي سنڌ جي بادشاهه، هندستان جي راجا، بر ۽ بحر جي حاڪم ڏاهر بن چچ جي طرفان: مغرور

---

(١) اصل فارسي متن ۾: راي ديبل، پ، م، س، S: ملڪ ديبل. (٢) ن، ب، س: ارمن بيله؛ پ: ارمائيل؛ S: ارمابيله. (٣) هي سڄو عنوان ۽ بيان اسان ارادتا ڏنگين ۾ رکيو آهي ۽ بالڪل بي معني آهي، جنهن لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [١١١]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ نگيل محمد بن قاسم ڏانهن، جو ڪوس ۽ لڙائيءَ جو ايترو شوقين ۽ بيرحم آهي جو [خود] پنهنجي لشڪر تي بہ رحم نٿو ڪري، ۽ سيني کي بربادي جي اوڙاهہ ۾ اڇلايو اٿس. هن کان اڳ ۾ ٻئي هڪ [عرب] جي مٿي ۾ ٻڌ اهڙو غرور پيدا ٿيو هو، ۽ سياست جو تير ڪٽي آيو هو، ۽ الحڪم بن ابي العاص (۱) ٻڌ انهيءَ جي بيعت ڪئي هئي، چاڪاڻ تہ دماغ ۾ سوداع هوس تہ سان هند ۽ سنڌ کي فتح ڪري هٿ هيٺ آڻيان. اسان جو هڪ ـ ٻہ ادنيٰ درجي جو ٺڪر [فقط] شڪار ڪرڻ جي طريقي سان ديبل ويو، ۽ ڪيس ڪٽائين، ۽ سندس سارو لشڪر ڇڄي ويو. هائي اهو ساڳيو سوداع محمد بن قاسم جي دماغ ۾ وڏي ويو آهي، ۽ نيٺ پاڻ کي [۱۱۱] ۽ پنهنجي لشڪر کي انهيءَ خودسريءَ جي خيال ۾ ختم ڪندو. جيڪڏهن ديبل فتح ڪيو اٿيئي تہ اهو نہ مضبوط قلعو آهي، ۽ نہ اتي ڪنهن طاقت واري لشڪر سان مقابلو ڪيو اٿيئي. اها هڪ اهڙي جڳهہ فتح ڪئي اٿيئي، جتي [فقط] واپاري ۽ ڪارخانيدار رهن ٿا. جيڪڏهن انهن ۾ ڪو مشهور معروف ماڻهو هجي ها تہ توهان جو ڪو نشان نہ ڇڏي ها. جيڪڏهن راجا جيسينہ بن ڏاهر کي ـ جو روء زمين جي بادشاهن تي غالب، وقت جي زبردستن کان انتقام وٺندڙ، راهبن ۽ ڪشمير جي راجا جو مٽ ۽ شاني، نوبت، جهنڊي ۽ ڇٽ جو مالڪ، جنهن

---

(۱) هن جاءِ تي جملي نسخن ۾ "ابو العاص بن الحڪم" آهي. ڪيل تصحيح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [۱۱۱]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي درٻار جي چانڻٽ تي هندستان جا راجائون سر رگڙي رهيا آهن، سڄو هند سنڌ جنهن جي حڪم جو تابعدار آهي، توران ۽ مڪران جي ملڪن لاءِ سندس حڪم ڪچيءَ جو هار آهي، جو سؤ مست هاٿين جو مالڪ ۽ سفيد هاٿيءَ جو سوار آهي، جنهن جي مقابلي ۾ ڪوبہ گهوڙو نٿو اچي سگهي، ۽ نہ وري ڪو مرد سندس سامهون بيهي سگهي ٿو۔ اجازت ڏيان ها تہ اوهان کي اهڙي سيکت ڏئي ها جو قيامت تائين وري ڪنهن لشڪر کي سندس حدن جي نزديڪ اچڻ جي مجال نہ ٿئي ها۔ [تنهنڪري] پاڻ کي غرور جي خواب ۾ مبتلا نہ ڪر، نہ تہ تنهنجي عاقبت بہ اها ٿيندي، جا بُدَيل جي ٿي۔ توهان کي جنگ ۾ اسان سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت ڪانہ آهي، ۽ نہ اسان جي طاقت کان سلامت موڙي وڃي سگهو ٿا۔

ڏاهر جو هيءُ خط جڏهن محمد بن قاسم کي پهتو، تڏهن منشي کي اهو ترجمو ڪري، کيس پڙهي ٻڌائڻ جو حڪم ڏنائين، ۽ مضمون کان واقف ٿي جواب لکارايائين [۱۱۲]۔

محمد بن قاسم جو ڏاهر ڏانهن خط۔

بسم اللہ الرّحمان الرّحيم۔ هيءُ خط محمد بن قاسم ثقفيءَ جي طرفان، جو سرڪشن ۽ مغرورن کان مسلمانن جو بدلو ونڊڻ آهي، ڪافر، جاهل، منڪر ۽ هٿيلي ڏاهر بن چچ برهمڻ غدار ڏانهن، جو بيوفا زماني جي ڦير گهير ۽ ظالم وقت جي غرور تي مغرور ٿيو آهي: ان بعد معلوم

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هجيس تہ نهايت جهالت ۽ بيوقوفيءُ ڪان جيڪي ڪجهہ لکيو اٿس، ۽ [جيئن] پنهنجي سست عقل تي مغرور ۽ مغتون ٿيو آهي، سو پهتو: ۽ جيڪي بيان ڪيو اٿس، تنهن جي مضمون ڪان واقفيت حاصل ٿي؛ ۽ طاقت، حشمت، هٿيار، بندوبست، هاٿي ۽ سوار، ۽ لشکر متعلق جيڪي لکيو اٿس، سو ذري پرڏي سمجهيو ويو. اسان جي ساري قوت ۽ امداد [جو مدار] خدا پاڪ جي ڪرم، تياري ۽ بندوبست [۽] بادشاهہ جي فضل تي آهي. ولاَ حَوْلَ قُوَّةَ إلاّ باللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ. (١) فَكِيْدُوْنِ لَكَ كَيْداً (٢) ثُمَّ لا يُنْظَرُوْنِ(٣) إنِّيْ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ رَبِّيْ وَرَبِّكُمْ (٤) وَمَكَرَ اللّٰهُ وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمَاكِرِيْنَ (٥)ولا يَحِيْقُ الْمَكْرُ السَّيِّئُ إلاّ بِاَهْلِهِ (٦) كَمْ مِّنْ فِئَةٍ قَلِيْلَةٍ غَلَبَتْ فِئَةً كَثِيْرَةً بِاِذْنِ اللّٰهِ وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ. (وڏي ۽ زبردست اللہ ڪان سواءِ بي ڪابہ قوت ۽ امداد ڪانهي. هو تنهنجي لاءِ رٽون رٽيئن ٿا. پر انهن کي مهلت ڪانہ ڏني ويندي. سون اللہ تعالىٰ تي توڪل

---

(١) فارسي متن ۾ فَكِيْدُوْنِ، ن: فَيَكِيْدُوْا، جا صحيح پڙهڻي آهي. هن عربي عبارت ۾ مختلف آيتون ملائي، سوڙون مضمون پيدا ڪيو ويو آهي. شروع واري جملي ۾ آية صرف "قوة الا با اللّٰه" (كهف! ر٥) آهي. ان بعد (١) آية يوسف: ر١)؛ (٢) آية جو حصو (الانعام: ر١) (٣)؛ آية (هود: ر٥)؛ (٤) آية (آل عمران: ر٥)؛ (٥) آية (فاطر: ر٥) ۽ (٦) آية (البقره: ر٣٣). بشڪريہ محترم قاضي احمد ميان اختر صاحب. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪيو آهي، جو منهنجو ۽ توهان جو رب آهي. هنن رڻون رڙيون، هوڏانهن (الله) [پاڪ] ٻـ رٽ رڌـي، ۽ الله تعالي سڀني کان سٺو رڻيندڙ آهي. بري رٽ، رڙيندڙ کي ئي گهيرو ڪندي آهي. ڪيترين ٽوريون ٽوليون الله تعالي جـي حڪم سان وڌين ٽولين ٿي غالب پـون ٿيون، ۽ الله تعالي صبر ڪندڙن سان گڏ آهي.) ارڙي عـاجز! سـوار ۽ هاڻي، ۽ لشڪر تي ڪهڙو ناز ٿو ڪـرين؟ هاڻي تـ هڪ ذليل سموري سامان ۽ عاجز ۽ عاجز ۽ سڀني رڻـن ۽ ٽـڪين سان هيٺي ۽ هيٺي جـز آهي، جو ڇڙ جهڙي هڪ ننڍي ۽ ننڍي جانور کي ٻـ پاڻ کان تڙي نٺـو سگهي: ۽ جـن گهوڙن ۽ سوارن کي ڏسي، هٽ ۽ پيو آهين، اهي الله جو لشڪر آهن (قوله تعالي:)(١)فَاِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْغَالِبُوْنَ(١) وَخَيْلُ اللّٰهِ وَ فُرْسَانُهَا هُمُ الْمَنْصُوْرُوْنَ (بيشڪ الله جـو لشڪر ئي غالب ٿيڻ وارو آهي ۽ الله جـا گهوڙا ۽ سندن سوار ئي فتحياب آهن). [١١٣] تنهنجي بد اعمالي، برين عادتن ۽ تڪبر جي ڪري ئي اسان کي لشڪر ڪشي جو معاملو پيش آيو، جاڪاڙ تـ تو سراديپ جي مال جون پيڙيون روڪي، مسلمانن کي قيد ڪيو. حـالانڪ دنيا جـي سڀني ملڪن ۽ دارالخلافت- جو نبوت جو نائب آهي- جـو حڪم جاري آهي ۽ سڀ فرمان بجا آڻين ٿـا: فقط تون ئي سـرڪشي ۽

---

(١)-(١) آية قرآن (المائده: ر-٨). هي آيه فارسي متن ۾ "الا ان" سان شروع ٿئي ٿي، جا صحيح نه آهي: "الا ان حزب الله هم المفلحون" (المجادله: ر-٣) هڪ ٻي جدا آية آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شوخي ڪرين ٿو: ۽ [پڻ] بيت‌المال جي خزاني جا اهي مال جيڪي اڳيان حاڪم ۽ گذريل بادشاهه پاڻ تي لازم ۽ واجب سمجهي، ادا ڪندا رهيا هنا. سي [پڻ] تو روڪي ڇڏيا آهن: ۽ جڏهن ته پاڻ ڪي هنن اٿوٽندڙ خصلتن سان خراب ڪري، خدمت کان انڪار ڪيو ۽ هڙين برين ڳالهين کي جائز سمجهيو، تڏهن دارالخلافت جو فرمان‌شال سدائين جاري رهي!ـ هن طرف پهتو ته مان انهن ڪرتوتن جي بدلي وٺڻ لاءِ تنهنجي لڙائيءَ ڏانهن رخ ڪريان: ۽ جنهن به جاءِ تي منهنجو مقابلو ڪندين اتي خدا تعالي، جو ظالمن کي مغلوب ڪرڻ وارو آهي- جي مدد سان توکي مغلوب ۽ خوار ڪندس، ۽ تنهنجو سر عراق ڏانهن موڪليندس، يا پنهنجي جان الله تعالي جي راهه ۾ قربان ڪندس ؛ هيءَ جهاد [الله تعالي جي] حڪم، "جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنَافِقِيْنَ" (١) (ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر)؛ موجب پاڻ تي واجب سمجهي خدا پاڪ جي رضامندي لاءِ قبول ڪئي اٿم، ۽ [سندس] عام احسان ۾ اميدوار آهيان ته اسان کي فتح ڪاميابي عطا ڪندو- انشاء الله تعالي وَ كَتَبَهٗ فِيْ ٨ ثَلٰثٍ وَ تِسْعِيْنَ (سنه ٩٣ هـ ۾ لکيو ويو) [١١٣].

ديبل فتح ڪرڻ کان پوءِ محمد بن قاسم جو نيرون ڏانهن وڃڻ.

حديث جي راوين ۽ تاريخ بيان ڪندڙن، نُبَاتَه بْن

(١) سورة التوبة: ر-١٠

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حنظلہ کلابيءَ کان آندو آهي تہ: ديبل فتح ڪرڻ ۽ بي انداز غنيمتن حاصل ڪرڻ کان پوءِ، محمد بن قاسم جي حڪم فرمائڻ تي منجنيقون ٻڌڻ ۾ رکي، نيرون جي قلعي ڏانهن روانا ٿيا. ٻڌا انهيءَ پاڻيءَ ڀاڪ جنهن کي ساکري جو نارو (۱) چون ٿا، ٽي ٽياڻون، ۽ پاڻ سيسم (۲) جي رستي کان ٽي ويا. جڏهن سيسم (۲) جي منزل وٽ پهتا تہ اتي حجّاج کان انهيءَ خط جو جواب اچي پهتو، جيڪو پاڻ ديبل جي فتح بابت هن ڏانهن لکيو هٿائين.

محمد بن قاسم کي حجّاج جو خط پهچڻ.

بسم الله الرحمان الرحيم. حجّاج بن يوسف کان محمد بن قاسم ڏانهن: جاڻ گهرجي تہ اسان جي دل جي ارادي ۽ همت جي تقاضا اهائي آهي تہ توکي هر حال ۾ ڪاميابي حاصل هجي، ۽ [انشاء الله تعالي] تون ڪامياب ۽ فتحمند هوندين، ۽ الله عزوجل جي احسان سان دشمن دنيا جي سزا ۽ آخرت جي عذاب ۾ هميشه گرفتار ۽ مغلوب رهندا. [پر]

---

(۱) فارسي متن جي اصل عبارت: "ناله سانکره" آهي. مختلف نسخن جون پڙهيون هن طرح آهن: ن، ب: ناله سانکره؛ پ: ساکر؛ م، ر دهند ساکره؛ س: دهند ساکره، ک: هند ساکره.

(۲) فارسي ايڈيشن ۾ "سحيم" پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي مگر انهن ٻنهي جاين تي معتبر نسخن مثلاً پ، م، ر، ن جي متفق پڙهڻي "سسم" آهي ۽ اسان انهيءَ کي ترجيح ڏني آهي (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اهو گمان هرگز نہ نج تہ انهن جا اهي سپ هاڻي، گهوڙا ۽ سامان اسباب توکي نيڀهہ ٽيندا. [توکي] دوستن سان چگي طرح وقت گذارڻ ۽ هرهڪ جي عزت ۽ احترام ۾ ڪوشش ڪرڻ گهرجي: ۽ سيني کي دلداري ڏيندو رهج، چاڪاڻ تہ اها ساري ولايت تنهنجي ملڪيت ۾ اينديءِ جيڪو بہ قلعو فتح ٽيندو رهي، تہ [انهيءَ مان] لشکر جي ضرورتن جي جيڪا بہ شيءِ هٿ اچي، سا [لشکر جي] خرچ ۽ تياريءَ ۾ صرف ڪج. ڪاڏي پيتي جي گهربل شين کان، جيترو ٿي سگهي، [کنهن کي] روڪ ۽ ٽوڪ نہ ڪج. سُکر سڻائيءَ جي [پيدا ڪرڻ ۾] حد ۾ حد ڪوشش ڪج [١١٥]، جيئن لشکر ۾ اناج سستو رهي. ديبل ۾ جيڪي بچايو ويو آهي، سو بہ قلعي ۾ ذخيرو ڪري رکڻ بدران ماڻهن ۾ صرف ڪرڻ بهتر آهي، ڇوتہ ملڪ فتح ٿيڻ ۽ قلعن جو قبضي ۾ اچڻ کان پوءِ رعيت جي آرام ۽ رهاڪن جي دل جوئي جي ڪوشش ڪرڻي آهي، ۽ جيڪڏهن ڪڙمي، ڪاريگر ۽ واپاري آسودا هوندا نہ، ملڪ سرسبز ۽ آباد رهندو، انشاء الله تعالي. ڪتبہٗ فيْ العشْرينْ مينْ رَجبَ سنة ثلاث و تسعين: (١) يعني ويهين رجب، سنه ڏاڻوي ۾ لکيو ويو (١).

---

(١)-(١) هي اضافو ن ۽ ب مان آهي. (ن-ب).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ديبل جي خبر ۽ نيرون وارن جو حجاج بن يوسف کان ٻروائو وڻڻ:

آبُو الليث التميمي کان هن طرح آڻين ٿا، ته هن جعونة (١) بن عقبة سلمي کان روايت ڪئي ته: جڏهن محمد ديبل فتح ڪري نيرون ڏانهن روانو ٿيو، تڏهن اسان ساڻس گڏ هئاسون. هنن [نيرون وارن] عرب جي لشکر جي شڪست ۽ بدل جي شهيد ٿيڻ وقت، حجاج سان عهد ڪري پاڻ تي دل مقرر ڪرائي چڏي هئي. محمد بن قاسم ديبل کان ڪوٽ نيرون (٢) ڏانهن جو پنجويهن فرسنگن تي آهي- ڪاهي، جڏهن ڏينهن پند ڪري، ستين ڏينهن اچي ڪوٽ نيرون (٢) جي ٻاهران ٻهتو: (٣) بروري جي پٽ ۾ هڪ چراگاهه آهي، جنهن کي بلهار [يعني ولهار يا وِي] ٿا چون، [اتي اچي منزل انداز ٿيو] (٣). اتي اچا مهراڻ جو پاڻي نه آيو

---

(١) اصل "جعوبة" جو صحيح نه آهي. ڏسو هن ڪتاب جي حاشيه ص [١٠٥]. (ن-ب) (٢) اصل ۾: حصار نيرون. (٣)- (٣) فارسي متن جي اصل عبارت: "مرغزاريست كه آنرا بلهار گويند، بزمين بردي". هن جاءِ تي ۽ وري ص ١١٧ تي "بردي" نالو آيو آهي. هن جاءِ تي م جي پڙهڻي "بروزي" ۽ ن جي پڙهڻي "بروي" آهي. ص [١١٧] تي پ: بروري ۽ م، ن، ك: بروزي. انهن پڙهڻين جي مطابق هي لفظ "بروزي" يا "بروزي" ٿي سگهي ٿو. مگر قديم نسخي پ جي پڙهڻي "برووي" آهي ۽ اسان انهيءَ کي ترجيح ڏني آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ اڪثر ديهن ۽ ڳوٺن جي نالن جي آخر ۾ "ري" يا "ڙي" آهي. مثلاً ڪلري، هوسڙي، هٽڙي وغيره. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هو جنهنکري لشکر اڃ کان دانهون ڪرڻ لڳو. محمد بن قاسم ٻه رکعتون نماز ادا ڪري جيڏن جو عرض ڪيو يَادَلِيْلَ الْمُتَحَيِّرِيْنَ وَيَاغَيَاثَ الْمُسْتَغِيْثِيْنَ اَغِثْنِي بِحَقِّ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ (اي پريشانن جا رهنما! اي فريادين جا مددگار! بسم الله الرحمان الرحيم جي محابي منهنجي واهر ڪر) تيڻن [هڪدم] الله پاڪ جي حڪم سان رحمت جو مينهن وسڻ لڳو. انهيءَ شهر جي آسپاس جيڪي ٻه تلاءَ يا حوض هئا سي سڀ ڀرجي ويا. نيرون وارن ڪوٽ جا دروازا بند ڪري ڇڏيا. سندن سردار ۽ حاڪم شمني (١)، ڏاهر ڏانهن ويل هو. محمد بن قاسم لشڪر جي گاهه جي تنگيءَ کان [١١٦] ڪٿيءَ ٻه پنجي ويو. پنجن-ڇهن ڏينهن کان پوءِ شمني موڪلي آيو، ۽ ٻ. سردار حجاج جي پرواني سميت موڪليو، سائس گڏ سيڏو ۽ گاهه ڏئي روانو ڪري، انهن جي واتان پيغام موڪليائين تہ: "مان خواه هيءُ سمورو لشڪر ۽ رعيت دارالخلافت جا آهيون، ۽ امير حجاج جي پرواني جي حڪم موجب هتي ٽڪيل [آهيون]، ۽ سندس ٽيڪ، دلداري ۽ تربيت ڏي قائم آهيون؛ جنهن صورت ٻ مان غير حاضر هوس، تنهنکري رعيت متردد ٿي دروازا بند ڪيا هئا." شمني [اڇڻ سان] ڪوٽ جا دروازا کولارايا، ۽ [ماڻهو] لشڪر سان

---

(١) جنهن کي ڏاهر، ديبل جي فتح جو ٻڌي، نيرون جو حاڪم مقرر ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. ڏسو ٻئي ص [١١٠]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خريد فروخت ڪرڻ لڳا. محمد بن قاسم، بروري (١) جي منزل ڪان، هن [شهني] جو شڪريو حجّاج ڏانهن لکي، نيرون وارن جي وفاداريءَ ۽ فرمانبرداريءَ جي خبر ڏني. حجاج انهيءَ خط جي جواب ۾ کين هنن جي دلداري ڏيڻ جي ڏاڍي پارت فرمائي، ۽ کين لکائين ته: "سندن آرام جي هر طرح ڪوشش ڪريو، ۽ کين اسان جي مهربانين جو اميد وار بنايو. الله پاڪ جي احسان ۾ اميد آهي ته تنهنجو قدم مبارڪ جتي به پهچندو [اتي] فتح ۽ ڪاميابي ٿيندي. جيڪو به توکان امان گهري، تنهن کي امان ڏج، ۽ جيڪي به بزرگ ۽ مڪيه ماڻهو تو سان اچي ملن، تن کي قيمتي خلعتن سان سرفراز ڪري، پنهنجي احسان جي زيربار ڪج ۽ لياقت آهر هرهڪ کي انعام اڪرام ڏيڻ واجب ڄاڻج، ۽ عقل کي پنهنجو رهبر بنائج ته جيئن ملڪ جا امير ۽ مشهور معروف ماڻهو تنهنجي قول ۽ فعل تي پورو اعتماد رکن."

محمد بن قاسم جو پنهنجا اعتماد جوگا ماڻهو نيرون ۾ موڪلڻ.

پوءِ محمد بن قاسم پنهنجن خاص ۽ مڪيه ماڻهن مان کي اعتماد جوگا ماڻهو نيرون جي قلعي ۾ موڪليا ۽ چيائين ته: اسان تي قلعي جي دروازن بند ڪرڻ، ڏاڍو [برو] اثر ڪيو، ۽ جڏهن غيرحاضريءَ جو عذر ٻڌو وبو، تڏهن ڪاوڙ ڏري ويڻي ۽ توهان ڏانهن مهرباني ۽ عزت جو

---

(١) فارسي متن ۾ "بردي". هت اختيار ڪيل پڙهڻي لاءِ ڏسو ٻي حاشيه ص [١١٦]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خيال ڪيو ويو آهي: تنهنڪري مقدم الدولة پنڌ رکو شمني (١) ڪي دلجاء ۽ تسلي سان حاضر ٿيڻ گهرجي: سندس حق ۽ مهرباني ۽ تربيت جي ڪابه ڪسر نه ڇڏي ويندي [١١٧].

شمني جو سمر ۾ تحفن سميت محمد بن قاسم جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ.

ڏينهن، جڏهن صبح صادق اونداهيءَ جي پردي مان اطلس جو لباس پهري ظاهر ٿيو، تڏهن شمني پڻ بي انداز تحفن ۽ بيپايان نذرانن سان محمد بن قاسم جي خدمت ۾ حاضر ٿي، رضامندي جي خلعت پهري، ۽ قلعي جو دروازو کولي، محمد بن قاسم جي مهماني ڪيائين، ۽ لشکر کي اناج ڪشادو ملڻ لڳو.

محمد [بن قاسم] قلعي تي هڪ گورنر مقرر ڪيو، ۽ ٻڌ جي بتخاني جي جاء تي هڪ مسجد ٺهرائي ۽ بانگ، نماز ۽ امام مقرر ڪيو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ، سيوستان وڃڻ جو ارادو ڪيائين، اهو قلعو، مهراڻ جي مغربي ڪناري تي جبل جي مٿان آهي. محمد بن قاسم کي اميد پيدا ٿي ته سارو ملڪ اسلام جي لشکر جي هٿان فتح ٿي ويندو، ۽ سيوستان جي انديشي لاهڻ کان پوءِ موڪل وقت، ڏاهر ڏانهن [وڃڻ لاءِ] درياء جي ٻڌ جي صلاح

(١) اصل ۾، هت سيني نسخن ۾ "بهند رکن سمني". مگر ص [١٣١] تي ساڳيو نالو سيني نسخن مطابق "سمني بهند رکو"، اسان پوئين پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪئي ويندي: شال خداوند ڪريم عربن جي اميد برصواب فتحمنديءَ جا امڪانات ميسر ڪري!

سيوستان ۽ ان جي پسگردائيءَ جي فتح ڪرڻ ۽ قلعي وڻڻ جي خبر.

محمد بن قاسم، نيرون جو ڪاروبار درست ڪري، ٿهي ٽڪي، شمني سان گڏ سيوستان ڏانهن رخ رکيو ۽ منزلون ڪندو ٽي ويو. نيٺ وڃي انهيءَ جاءِ وٽ پهتو جنهن کي هوج ٽا چون ۽ جا نيرون کان ٽيهن فرسنگن تي هئي. اتي هڪ شمني رهندو هو جو رعيت جو اڳواڻ هو، ۽ قلعي جو بادشاهه ڏاهر بن چچ جو سوٽ بجهراءَ(۱) بن چندر ٿالي هو. اتي سيني شمنيئن (۲) گڏجي بجهراء ڏانهن پيغام موڪليو تہ: اسان زاهد (۳) ماڻهو آهيون؛ اسان جو دين، اسن [پسندي] ۽ مذهب، عافيت [پسندي آهي] [۱۱۸]. اسان جي طريقي ۾ جنگ ۽ ڪوس جائز نہ آهي، ۽ خون وهائڻ جي حق ۾ نہ آهيون؛ تون بلند قلعي ۾ ويٺو آهين، ۽ اسين ڏجون ٿا تہ جڏهن هي ماڻهو ايندا تہ اسان کي تنهنجا تابعدار سمجهي ڦرندا ۽ اسان جون جانيون ۽ مال کسي وٺندا؛ اسان کي [هيءَ ۾] معلوم ٿيو آهي تہ کين دارالخلافت ۽ امير حجاج جو

---

(۱) اصل ۾ هن جاءِ تي، توڙي اڳتي هر جڳهه "بجهرا" آهي- ترجمي هر جڳهه "بجهراءَ" ڪري لکيو ويو آهي. (ن-ب) (۲) اصل لفظ: "سمنيان" (۳) اصل لفظ: ناسک

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حڪم آهي تہ جيڪو بہ ماڻهو امان گهري تنهن کي امان ڏني وڃي؛ جيڪڏهن [توهان بہ امان سان] متفق ٿيندا ۽ صلاح قبول ڪري، امان جي نصيحت ونڊندا تہ امان وچ ۾ واسطو ٿي تنهنجي ۽ پنهنجي لاء امان گهرنداسون ۽ هڪٻئي سان پڪو عهدنامو ۽ مضبوط انجام ڪنداسون؛ عرب جا ماڻهو وفادار آهن ۽ جيڪو بہ قول سندن زبان سان ڪرندو سو پورو ڪندا ۽ ان جي مخالفت نہ ڪندا. بجهراء سندن صلاح کان انڪار ڪيو، ۽ سندن چوڻ ڏانهن ڪوبہ توجهہ نہ ڪيائين. پوء محمد بن قاسم هڪ جاسوس موڪليو تہ هنن جي طبيعيت معلوم ڪري تہ هو پاڻ ۾ هڪٻئي سان موافق آهن يا منافق. هن ڏٺو تہ ڪي لشڪري لڙائيء لاء تيار ٿي باهر نڪري آيا آهن. [تنهن تي] محمد بن قاسم ربگستان واري دروازي وٽ اچي لٿو، جو لڙائي لاء بي کانبہ جاء کانہ هئي، چاڪاڻ تہ برسات جو پاڻي وڏي ويو هو ۽ اتر کان (١) سنڌوندي، ارل ۾ وهي ويئي هئي (١).

لشڪر جي سيوستان سان جنگ ڪرڻ.

محمد بن قاسم منجنيقون کڙي ڪرڻ ۽ جنگ شروع

---

(١)-(١) فارسي ايڊيشن جي عبارت هن طرح آهي: "جوئي سند وراول روان شد" پ،ر،ن،ب،س ۾ "وراول" جي جاء تي "دراول" آهي. گمان غالب آهي تہ "دراول" ۾ ڪاتبن جي غلطي سبب "ر" "ڪي" "و" بنايو ويو آهي ۽ صحيح صورتخطي "در ارل" هئڻ گهرجي. يعني "ارل ۾" اهو بلڪل قرين قياس آهي، چاڪاڻ تہ اڄ بہ سنڌوندي جو پاڻي ارل يا ارڙل کي پري ٿو. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪرڻ جو حڪم ڏنو. شمينيئن هن (بجهراء) کي گهٽو ئي روڪيو ته: "هن لشڪر سان تنهنجي ڇڪ جي ڀٽي نه آهي. تون انهن جو مقابلو ڪري نه سگهندين. تنهنجي خود سريءَ ڪري [سڀني جو] جان ۽ مال برباد نه ٿيڻ گهرجي." [آخر] جڏهن رعيت جي نصيحت نه ٻڌائين، تڏهن [لاچار ٿي] شمينيئن، محمد بن قاسم ڏانهن پيغام موڪليو ته: "سموري رعيت [۱۱۹] جهڙوڪ هاري، ڪاريگر، واپاري ۽ عام ماڻهو، بجهراء کان پڇي پري ٿيا آهن ۽ ساڻس بيعت ڪائن اٿن: بجهراء کي ايترو ساز سامان ۽ تياري ۽ ڪانهي جو تنهنجو مقابلو ڪري ۽ لڙائيءَ ۾ تو سان هٿ ڪنديي سگهي." اهو پيغام معلوم ڪري اسلام جي لشڪر جي دل وڏي، ۽ محمد بن قاسم رات ڏينهن لاڳيتو جنگ جاري رکي. اٽڪل هڪ هفتي جي مدت اندر قلعي وارن لڙائيءَ مان هٿ ڪيي ڇڏيو. بجهراء جڏهن ڏٺو ته قلعي وارا تنگ ٿيا آهن، تڏهن [رات جي وقت] جڏهن دنيا ڏامر جهڙي پردي ۾ لڪي ويئي، اترئين دروازي کان دريا ڏي، ڪي ڇڪي ويو ۽ وڃي پٽڊيم (۱) جي حد ۾ پهتو. انهيءَ وقت پٽڊيم جو راجا **ڪاڪو پٽ ڪوٽل** (۲)

---

(۱) اصل لفظ بودهيه (۲) فارسي متن ۾ "ڪوتڪ" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي، جا شايد **پ** مطابق آهي. مگر ر،م،ن جي پڙهڻي هٿ توڙي اڳتي "ڪوٽل" آهي ۽ اسان اها اختيار ڪئي آهي. ڪوٽل غالباً سنسڪرت لفظ "ڪُتُوهَل" جي بگڙيل صورتخطي آهي. سنسڪرت ۾ "ڪوهل" ماڻهو جي نالي طور به ايندو آهي ۽ لفظي معنيٰ اٽس عجيب، ناسور يا داڇس. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نالي شمني ٻڪو هو. سندس قلعو ڪُنڀَ نهر جي ڪناري (۱) تي سڀسر [نالي] هو. ٻڌيہ جا رهاڪو ۽ آڻهيءَ طرف جا اڳواڻ سندس استقبال تي آيا ۽ ڪيس قلعي جي آڏو اڇي لاٿائون.

سيوستان جو هٿ آڻڻ ۽ بجهراء جو هليو وڃڻ.

جڏهن بجهراء ڄاڻي ويو ۽ شمينيُن اطاعت ڪئي، تڏهن محمد بن قاسم سيوستان جي قلعي اندر آيو ۽ دلجاء ڪري، ڪاروبار سنڀاڻ پنهنجا ڪامورا ۽ نائب مقرر ڪري، پسگردائي سندن حوالي ڪيائين. پوءِ شمينيُن کان سواءِ، جن سائس ٻڪو عهدنامو ڪيو هو، [پين کان] جتي ٻه سون چاندي ڏنائين، پنهنجي قبضي ڪيائين، ۽ سموري چاندي، زيور ۽ روکڙ ضبط ڪري، لشکر جو حق لشکر کي ڏيئي، باقي پنجون حصو حجاج جي خزانچيءَ جي حوالي ڪيائين، ۽ حجاج ڏانهن فتح جو احوال لکيائين؛ ۽ راءِ زادن (۲) کي مقرر ڪري، غنيمت ۽ غلام موڪلي ڏنائين ۽ پاڻ اني ترسيو [۱۳۰].

ٻن-ڏينهن کان پوءِ جڏهن [سرڪاري] پنجين حصي ۽ لشکر جي حصن [جي تقسيم] کان فارغ ٿيو، تڏهن سيسر جي قلعي ڏانهن رخ ڪيائين. ٻڌيہ جو لشکر

---

(۱) اصل عبارت: برلب آب کنبه (۲) اصل لفظ "راوتان" جنهن جو ترجمو "راءِ زادن" ڪيو ويو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ سيوستان جو بادشاهه لڑائي لاءِ تيار ٿي ٻيڻا. محمد بن قاسم، انهيءَ ٽولي کان سواءِ جيڪو سيوستان جي گورنر سان مقرر ڪيو هئائين؛ سمورو لشڪر وٺي، **کنڀ** جي ڪناري تي **بندهان** (۱) نالي هڪ منزل وٽ اچي لٿو. آسپاس جا رهاڪو سڀ ڪافر هئا، اسلامي لشڪر ڏسي، سڀني راتاهو ڏيئي، کين منتشر ڪرڻ جو ٺهراءُ ڪيو.

ٻڪين جو ڪاڪي بن ڪوتل (۲) وٽ اچڻ.

[اها صلاح ڪري؛] ٻڌڻ (۳) جـا ٻڪـي ڪاڪي [بن] ڪوتل (۲) وٽ آيـا ــ (۴) جو ٻڌيو جـا راڻا سندس اولاد مان آهن ۽ جنهن جو وڏو **آڪر** ڪنگا جـي انهيءَ ڳهير کان، جنهن کي **اودند وهار** ٿا سڏين، آيو هو (۴)ــ ۽ سائس صلاح ڪيائون تہ اسان هن عرب جـي لشڪر تي راتاهي ڏيڻ جو ٺهراءُ ڪيو آهي. (ڪاڪي جو

---

(۱) ل، م: نيلهان؛ **س:** بدهان (۲) فارسي متن ۾: ڪوتک: ڏنل پڙهڻ لاءِ ڏسو مٿي حاشيہ ص [۱۲۰]. (ن-ب) (۳) ل: بدهيہ. (۴)-(۴) اصل متن ۾ هي عبارت نهايت منجهيل ۽ ناقص آهي. ترجمو فارسي متن ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي مطابق ڏنو ويو آهي، جا هن طرح آهي: ڪہ رانگان بودهيہ از نسل اوانڊ، و اصل ايشان اکر از ڪداره ڪنک ڪہ اود دند وهار گويند آمده بود." **ن، ب، م، ح** جي پڙهڻي "رانگان" جي بدران "رازڪان" آهي. "اکر از" ل، م مطابق آهي، مگر **پ،ڪ،م** ۾ "اکر اره"، **ن، ب** ۾ "اکر ازه" ۽ **س** ۾ "اگر ازه" آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جواب:) کاکي چيو تہ: "جيڪڏهن توهان کان ٽي سگهي تہ [ائين ڪرڻ] چگو ٿيندو، سگر هڪ وارن ۽ راهبن نجوم جي ڪتاب مان اسان کي هڏاپو آهي تہ هيءُ پاسو اسلام جي لشکر هٿان فتح ٿيندو." [ائين چئي] **يمن** (۱) نالي هڪ ملڪ‌ءَ کي سندن مٿان سردار مقرر ڪري، چنن (۲) کي سندس فوج ۾ رکي، هڪ هزار تراڙ جا ڏڻي ۽ دلاور مڙس سندس هٿ هيٺ ڏنائين. جڏهن ڏينهن جو روميَ لشکر رات جي حبشي لشکر جي حملي کان شڪست کائي پڇي وڃو [۱۲۱] تڏهن اهي سيئي تراريون، ڊالون، نيزا، بڙڇيون ۽ ڪٽاريون ڪٽي راتاهي (شبخون) مارڻ لاءِ روانا ٿيا. عربن جي لشکر کي ويجهو پهچڻ وقت رستو ٻلجي ويا، ۽ پوري رات شام کان صبح تائين ٻڪندا رهيا: هو چئن حصن ۾ وراهجي بيابان ۾ ڦرندا رهيا ۽ نہ [لشکر جو] مقدس ساڻ سان ملیو ۽ نہ ميمنہ (وري) ميسره

---

(۱) **پ**: بهين؛ ر: بهن يا ٻهن؛ م: ٻهن؛ **ن،ب،ح**: بهيسي. اسان جي پڙهڻ فارسي ايڊيشن مطابق آهي جنهن جو سردار **ک** تي آهي. (ن-ب)

(۲) هن جاءِ تي ۽ وري صفحي [۱۲۱] تي فارسي ايڊيشن ۾ "جنان" پڙهڻ اختيار ڪئي وئي آهي ٻنهي جاين تي **ن،ب** جي پڙهڻ صاف طور "چنان" آهي. **س** جي پڙهڻ هت "جنان"، ۽ ص [۲۱] تي م جي پڙهڻ ۾ "جنان" آهي، جنهن مان ٿئي "چنان" جو گمان نڪري ٿو. تحفةالڪرام (ج ۳ ص ۱۵) ۾ ڄاڻايل آهي تہ هي ڪاڪو ذات جو چنو هو. انهيءَ لحاظ سان اسان "چنان" واري پڙهڻ کي 'جنان' تي ترجيح ڏني آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کي ڏنو. [رُلي رُلي] جڏهن منهن کيڀائون تہ پاڻ کي سڀسم جي قلعي جي ٻاهران ڏٺائون. جڏهن رات جو سرمائي پردو ستارن جي بادشاهہ (سج) جي روشنائي جي چوڪ سان ڍڪي ڇڏيو، (۱) تڏهن قلعي ۾ آيا، ۽ [اچي] ڪاکي [بن] کوتل (۲) کي سارو احوال ٻڌايائون تہ اسان جي هيءَ رت ڪارگر نہ ٿي. ڪاکي وراڇيو تہ: "توهان کي معلوم آهي تہ مان بهادريءَ، مردانگيءَ، همت ۽ دانائيءَ ۾ مشهور معروف آهيان، ۽ توهان وٽ رهي ڪيترين مشڪلاتون حل ڪيون اٿم. ليڪن هڪ مذهب وارن ڪتابن ۽ نجوم جي حساب سان اڄوڪي حڪم ٽيل آهي تہ هندستان اسلامي لشڪر جي هٿان فتح ٿيندو، تنهنڪري مون کي سندن استقبال ڪرڻ جو ارادو آهي."

ڪاکي [بن] کوتل (۲) جو نُباته بن حَنْظَلَہ سان گڏجي

محمد بن قاسم جي خدمت ۾ وڃڻ ۽ بيعت ڪرڻ.

ٻوءِ ڪاکي پنهنجي خاص ۽ پروسي وارن ماڻهن سان گڏجي، عرب جو لشڪر جو رخ ڪيو. ڪجهہ پنڌ ڪيائين تہ ڪيس نُباته بن حَنْظَلَہ ملیو، جنهن کي محمد بن قاسم نگراني لاءِ ڇڏيو هو، جو ڪيس محمد بن قاسم وٽ وٺي آيو. جڏهن خدمت جي سعادت حاصل ڪيائين، تڏهن محمد بن قاسم

(۱) يعني رات گذري ڏينهن ٿيو. (مترجم) (۲) فارسي متن ۾ "کوتک" ڏنل پڙهي لاءِ ڏسو مٿي حاشيہ ص (۱۲۰) (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ساڻس عزت سان پيش آيو ۽ [مٿس] مهرباني ڪيائين.
ڪاڪي، چنن (۱) جي راناهي ۽ سندن دغابازيءَ جي
رٽن جو احوال ڪيو، ۽ ڪيئن خدا تعالي کين ڀلايو جو
سڄي رات در بدري ۽ شرمندگيءَ ۾ ڦرندا رهيا، سو سڀ
بيان ڪري، چيو تہ: "اسان جي نجومين ۽ معتبرن، علم نجوم
[جي حساب] سان نتيجو ڪيو، هيءُ حڪم ڪيو آهي
تہ [۱۲۲] هي پاسو اسلامي لشکر جي حوالي ٿيندو. [وري]
جڏهن هيءُ معجزو ڏٺو ويو تہ يقين ٿيو تہ [برابر اهو] الاهي
حڪم آهي، ۽ کوبہ ماڻهو ٽڪيءَ ۽ دغابازيءَ سان مقابلو
ڪري نہ سگهندو. تون هرطرح دلجاء ۽ تسلي ڪر تہ
انهن تي فتح لهندين، سان تنهنجي تابعداري قبول ڪئي
آهي، ۽ توکي نصيحت ڪندو رهندس. ۽ جيترو ٿي سگهندم
اوترو مددگار رهندس، ۽ دشمنن ۽ بدخواهن جي بيخ ڪڻي
۽ مغلوب ڪرڻ ۾ رهبر ٿيندس". محمد بن قاسم کي
جڏهن هن حال جي خبر پيئي ۽ سندس ڳالهہ ٻڌائين، تڏهن
الله تعالي جي تعريف ڪيائين ۽ شڪراني جو سجدو بجا
آندائين، ۽ ڪاڪي کي سندس سر، تابعدارن ۽ ڪٽنب
سميت، امان ڏيئي کيس دلجاء ڏنائين. پوء ڪاڪي کي
چيائين تہ: هند جا اسرا! توهان جي سروپاء کهڙي
ٿيندي آهي؟" ڪاڪي عرض ڪيو تہ: "اسان جي سروپاء
آهي ڪرسي؛ ۽ ريشم ۽ پٽ جو هندستاني ڪپڙو (۲)،

---

(۱) فارسي متن ۾ "جتان" يعني جتن؛ ڪيل تصحيح لاء ڏسو مٿي
حاشيہ ص [۱۲۱]. (ن-ب) (۲) اصل عبارت: جامہ هندوي ابريشم و حرير.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جوپگ وانگر متي تي ويڙهيندا آهيون، چاڪاڻ ته اسان جي بزرگن ۽شمني(۱)جا.ن جي اهائي رسم آهي. پوء اهاڪيس پهرائي ويٺي. ڪاڪي جي هن سروپاءَ پهرڻ تي سيني مڪيين ۽ آسپاس جي سردارن سندس بيعت ڏانهن لاڙو ڪيو. جن ماڻهن سندس تابعداري قبول ٿي ڪئي، تن کي عرب جي لشڪر جي خوف کان امان ٿي ڏنائين، ۽ جنهن ٿولي خودسري ۽ سرڪشي ٿي ڪئي، تن ڏانهن [اسلامي لشڪر جي] رهبري ڪيائين ٿي. [محمد بن قاسم] عبدالملڪ بن قيس الدمي (۲) پنهنجو نائب مقرر ڪيو. انهيءَ لاءِ ته جيڪو ٻه سرڪشي ڪري تنهن کي سيکت ڏئي. ڪاڪي مخالفن تي حملو ڪري، ڏاڍا ڏوڪڙ، ڪپڙا. وهٽ، غلام ۽ اناج غنيمت ٻه هٽ ڪيو، جنهنڪري لشڪر ٻه گوشت ۽ گاهه جي فراواني (گهٽائي) ٿي.

پوء محمد بن قاسم اتان منزل ڪئي سيسم جي قلعي تي آيو. ٻن ڏينهن جي جنگ کان پوء خدا تعالي کيس فتح ۽ ڪافرن کي شڪست ڏني. ڏاهر جو سوٽ ٻجهراء بن چندر بن سيلائچ ۽ راوت ۽ ڏڪر ـ جيڪي سندس تابعدار هئا ـ [۱۲۲] هڏيه کان متي پڄي ويا: بلڪ گهٽن ته پهنجي پياري جان انهيءَ بيغرمانيءَ ٻ گنوائي، ۽ ڪي، سالوج ۽ قنداڀيل (۳) جي وچ واري قلعي بهطلور (۴)

---

(۱) اصل ۾: سمني. (۲) هيءُ لفظ مبهم آهي ڏسو متي حاشيه ۱۰۷ ص [۱۰۷]. (ن-ب) (۳) ن، ب، ح: قنداٹيل؛ پ، ڪ: قندهائيل؛ ل، م: قندهاله (۴) ب: بهلطور؛ ڪ: بهطور.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏانهن هليا ويا ۽ اتان وڃي امان نامي جـي استدعا ڪيائون. چاڪاڻ ته هو ڏاهر جا مخالف هئا ۽ جيئن ته هن جي ڪن ماڻهن کي ڪٽيو هئائون، تنهنڪري سندس فرمانبرداريءَ کان قربل هئا. هنن قاصد وچ ۾ آڻي، پاڻ تي هڪ هزار درهم تور چاندي (۱) مقرر ڪري، پنهنجا ضامن سيوستان ڏانهن موڪليا.

حجاج بن يوسف کان مهراڻ ٽپي- ڏاهر سان جنگ

جوڻ جو حڪم ڏيڻ.

محمد بن قاسم دل مقرر ڪري، سندن آراءِ لاءِ نئون پرواڻو جاري ڪيو، ۽ [هن کان ٻوءِ] آل جارُود مـان بن اعتماد جوگهن مـاڻهن [عبد[الملڪ بن] القيس (۲) ۽ حُمَيْدُ بن وَدَاعَ النَّجدِي ڪي مقرر ڪري، هي ڪم سندن حوالي ڪيائين. جڏهين سيسم جي ڪم کان واندو ٿيو، تڏهن حَجّاج جو حڪم ڏيڻ تي: "ٻيون سڀ جـاڏون

---

(۱) اصل عبارت: يڪهزار درم سنگ فقره. (۲) سيني نسخن ۾ "عبدالقيس" آهي. مگر اسلام بعد هڪ مسلمان جو نالو عبدالقيس هجڻ غير ممڪن آهي- البته "عبدالقيس" بطور هڪ قبيلي جي نالي جي مشهور هو مگر هن جاءِ تي ماڻهوءَ جو نالو آهي، جو "آل جارود" (جارود جي اولاد) واري قبيلي مان هو. انهيءَ ڪري هن نالي ۾ غلطي آهي ۽ هن شخص جو صحيح نالو غالباً عبد [الملڪ بن] القيس آهي جنهن جو ذڪر مٿي ص‍ص [۹۹] ۽ [۱۲۳] تي اڳي ڇڪو آهي، ۽ جو محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ موجود هو. (ن‍ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چڏي نيرون ۾ موڪي اڇي، ۽ مهراڻ ٽپڻ جي تجويز ڪري، ڏاهر جي جنگ ڏانهن رخ ڪري ۽ مولي عزوجل کان مدد گهرج تہ توکي فتح ۽ ڪاميابي بخشي. انهيءَ فتح ٽپڻ تي [نديا وڏا] قلعا ۽ ساري پسگردائي هٿ اچي ويندي ۽ ڪوبہ روڪيندڙ نہ هوندو." محمد بن قاسم هي حڪم پڙهي، سندس مضمون کان واقف ٿي نيرون ڪوٽ موڪي آيو ۽ اچي خط لکيائين.

عرب جي لشڪر جو نيرون ڪوٽ موڪي اچڻ.

پوءِ [محمد بن قاسم لشڪر سان] منزلون ڪاٽي اچي قلعي ۾ لٿو، جو ڏيبرون ڏڪر (۱) تي آهي [۱۲۴]: ان جي ويجهو هڪ تلاءُ آهي جنهن جو پاڻي عاشقن جي اکين کان زياده صاف، جنهن جو چراکاهہ ارم جي باغ کان وڌيڪ وٺندڙ آهي: انهيءَ تلاءُ وٽ اچي منزل ڪيائين، ۽ هيءُ خط حجاج بن يوسف کي لکيائين.

محمد بن قاسم جو، خط لکي حجاج بن يوسف کي احوال ٻڌائڻ.

بسم اللہ الرحمان الرحيم- وڏي امير، زبردست عالم، دين جي تاج، عجم ۽ هند جي پناهہ، حجاج بن يوسف جي شاندار درگاهہ ۾ هن خدمتگار محمد بن قاسم جي طرفان: بندگي ۽ خدمت گذاريءَ کان پوءِ، عرض ٿو ڪري تہ

(۱) اصل ۾: ڪوہ نيرون.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هي مخلص عرب جي سڀني اميرن، لشکر، نوکرن ۽ مسلمانن جي لشکر جي سڀني جماعتن سميت صحيح ۽ سلامت آهي. کاروبار جي استقامت ۽ دائمي خوشي ۽ آرام حاصل آهي. [اوهان جي] روشن راء کي معلوم هجڻ گهرجي ته بيابان ۽ خطرناڪ منزلن کائڻ کان پوءِ، درياء جي ڪناري (۱) جنهن کي مهراڻ چون ٿا، پهتاسون.

۽ بغرور (۲) جي قلعي جي مقابل پُڌيم طرف جي اها اپراضي جا مهراڻ جي ڪناري تي آهي، فتح ٿي آهي (۳)؛ ۽ اهو قلعو، اروڙ جي حد حڪومت ۾ [آهي]، جا راجا ڏاهر جي ملڪيت آهي (۳)؛ سرڪش ماڻهن کي پنهنجي اقتدار

---

(۱) اصل عبارت: برلب سيحون. اسان "سيحون" جي لغوي معنيٰ ورتي آهي جو (ساح، سَيْحاً ۽ سَيَحاناً) مصدرن مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "پاڻي جي زمين تي وهڪ". (ن-ب) (۲) فارسي ايڊيشن ۾ هن جاءِ تي "راور" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي، مگر ايڊيٽر حاشيي ۾ ڄاڻايو آهي ته اها سنڌس پنهنجي گماني پڙهڻي آهي (ڏسو فارسي ايڊيشن ص ۱۲۵، حاشيه ۹). مختلف نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن: ر،م. بغرور؛ ن: اغرور؛ ب، ح، س، ک: اعرور؛ پ: سرور. اسان "بغرور" پڙهڻي کي ترجيح ڏني. جنهن لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [۱۲۵]. (ن-ب) (۳)-(۳) فارسي متن جي عبارت هن طرح آهي: "و آن حصار راور (که) در تملیک داهر رای بوَد". هن عبارت ۾ "حصار راور" جي پڙهڻي فقط پ مطابق آهي؛ ٻين جملي نسخن، م، ر، ن، ب، س، ک، جي متفق پڙهڻي "در الور" آهي ۽ انهيءَ کري وڌيڪ معتبر سمجهڻ گهرجي انهيءَ پڙهڻيءَ مطابق اصل عبارت هن طرح ٻيهندي: "وآن حصار، درالور" در تملیک داهري راي بود". اها عبارت تاريخي سياق ۽ سباق خواه جغرافيائي اعتبار کان بالڪل صحيح آهي ۽ ترجمو ۽ انهيءَ لحاظ سان ڪيو ويو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هيٺ آندو ويو ۽ باقين کي حملو ڪري ڀڄايو ويو. جيئن ته امير حجاج جو حڪم ٻڌو جنهن ۾ موٽي اچڻ جو اشارو ڪيل آهي، تنهنڪري نيرون ٽڪر (١) واري قلعي ۾ موٽي اچڻ ٿيو؛ هيءَ قلعو دارالخلافہ کي وڌيڪ ويجهو آهي. اميد ته الله تعالي جي مدد، بادشاهہ جي اعانت ۽ امير معظم جي بخت [جي ياوريءَ] سان ڪافرن جا سڀ مضبوط قلعا فتح ٿي ويندا [١٣٥]، ۽ شهر ۽ خزانا هٿ ايندا. في الحال سيوستان ۽ سيسم جا قلعا هٿ آيا آهن. ڏاهر جو سوٽ، سندس بهادر ۽ مڪيہ ماڻهو [ٻاهر] ڪڍيا ويا، باقي ٻيا سڀ ڪفار مغلوب ٿيا آهن. ڪافرن جي عبادت گاهن جي بجاءِ مسجدون ۽ عبادت گاهون نهرايون ويون آهن، ۽ بانگ نماز، خطبن ۽ ميمبرن جو بنياد رکيو ويو آهي، جيئن ماڻهو وقتن اندر خدا جو فرض ادا ڪندا رهن، ۽ صبح ۽ شام خداءِ تعالي جو ذڪر ۽ تڪبير بجاءِ آڻيندا رهن. جهڙيءَ طرح قرآن جو نص ناطق آهي ته [قولہ تعالي:] أَقِمِ الصَّلٰوةَ لِدُلُوكِ الشَّمْسِ إِلٰى غَسَقِ اللَّيْلِ وَقُرْآنَ الْفَجْرِ الاية (٢)، ۽ اهي بتن جا نشان الله جي تائيد ۽ إِنْ يَنْصُرْكُمُ اللّٰهُ فَلَا غَالِبَ لَكُمْ (٢)

---

(١) اصل ۾: ڪوهنيرون (٢) اقِمِ الصَّلٰوةَ لِدُلُوكِ الشَّمْسِ إِلٰى غَسَقِ اللَّيْلِ وَقُرْآنَ الْفَجْرِ إِنَّ قُرْآنَ الْفَجْرِ كَانَ مَشْهُودًا: سج لڙڻ کان رات جي اونداهي ٿيڻ تائين نماز قائم ڪر ۽ ٻڌ فجر جي قرآن پڙهڻ جو پابند رهہ ڇاڪاڻ ته فجر جو قرآن هڏو وڃي ٿو. (مترجم)- سوره بني اسرائيل، رڪوع ٨. (ن-ب) (٢) آل عمران: رڪوع-٨. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(جيڪڏهين خدا تعالي توهان جي تائيد ڪندو تہ پوءِ ڪوبہ توهان تي غالب ڪونہ ٿيندو)۔ جي تصديق مطابق صاف ڪيا وڃن: پوجارين، ۽ شيطانن ۽ انهن جي جماعتن کي مغلوب ۽ خوار خراب ڪري جهنم ۽ سخت عذاب جي حوالي ڪيو وڃي. اسان [هن وقت] هڪ اهڙي قلعي جي پناهہ ۾ رهيل آهيون، جو سڪندر روميءَ جي بنڊ تي پڻ فخر ٿو ڪري؛ ليڪن اسان جو پروسو ۽ پناهہ الله عزوجل تي آهي. اوهان جي راءِ عاليءَ - سدائين عالي رهي!۔ آڏو هيءَ خط پيش ڪري، جواب جو منتظر آهيان تہ جهڙيءَ طرح فرمان ناطق ۽ مطلق جاري ٿئي، انهيءَ لاءِ تيار ٿيان، ۽ الاهي توفيق سان جهڙو ارشاد ڪندا، انهيءَ موجب عمل ڪيو ويندو. ڪريم حاڪم کي هيءَ گالهہ بہ معلوم هڻ گهرجي تہ ڏاهر جي گورنر سان هڪ گورنر سهراڻ جي آپرندي طرف انهيءَ (۱) ماڙي ۾ جا ڪشتا (ڪچ) جي سمند جو پٽ آهي (۱)، پٽ (۲) جي قلعي جو والي آهي، جنهن کي بساهي [پٽ] راسل (۳) چون ٿا. هن جو پٽ ڏاهر جي مڪيم ۽ خاص ماڻهن سان آهي. هند

---

(۱)-(۱) اصل عبارت: "در برجوي کہ جزيره بحر کنبها است". فاضل ايڊيٽر "کنبها" پڙهڻي اختيار ڪئي آهي جا بڻ ن جي پڙهڻي آهي. مگر پ ۽ ر،م جي پڙهڻي "کشتيها" آهي اسان ر،م جي پڙهڻي جي آڏار تي "کشتا" پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي جنهن لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [۱۲۶]. (ن-ب) (۲) اصل ۾: بيت (۳) اصل ۾: بساهي راسل. پ: بشامي راسل.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خواهر سنڌ جي گهڻن بادشاهن جي ساڻس بيعت آهي، ۽ سندن وچ ۾ مضبوط عهدنامو ٿيل آهن [۱۲۶]، جي سندس صلاح‌کان باهر نه ويندا: ۽ ديبل جا جيڪي مائهو اسان سان مليا آهن، تن کان معلوم ٿيو آهي ته هو اسان جو خيرخواه آهي. هرهڪ امير ۽ وڏيرو سندس تابعداريءَ ڏانهن راغب آهي. هن اسان ۾ اميد رکي التجا ڪئي آهي ته اسان هن سان پڪو عهدنامو ڪريون. جيڪڏهن خدا تعالي اها تدبير پوري ڪئي ۽ [هو سڀ] سچائيءَ سان اسان جي فرمانبرداريءَ هيٺ آيا ته مهراڻ درياءَ جي ٽپڙ جي تدبير اسان لاءِ آسان ۽ سولي ٿي پوندي، ۽ الله تعالي جي حڪم سان (سيڪجهم) تيار ۽ مبارڪ ٿيندو.

محمد بن قاسم‌ڏانءُ، حجاج بن يوسف جو خط پهچڻ

بسم‌الله الرحمان الرحيم: پياري فرزند ڪريم‌الدين محمد بن قاسم جوڙ شال خدا تعالي سندس عزت برقرار رکي. نسمين قسمين تڪليفن ۽ طرحين طرحين تعظيمن سان سينگاريل خط پهتو، ۽ جيڪي حالات ان ۾ لکيل هئا، سي سڀ معلوم ٿيا. اي پٽ! آخر آهي ڇا؟ توکي ٿيو ڇا آهي جو پنهنجي تدبير، عقل ۽ سمجهه کي نٿو آڻين؟ اي ڪاش! تون لڙائيءَ ۾ مشرق جي سڀني بادشاهن کي مغلوب ڪرين، ۽ سڀني ڪافرن جي گهرن کي برباد ڪرين! تون هن کي تي غالب ٿيڻ کان ڇو عاجز آهين؟ ۽ دشمن جي شر سان ڇو نٿو پڄي پورو اچين؟ اميد آهي ته سندس رت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دفع ٿي ويندي. هو لشکر اسلام جي مدافعت جي رٽ رٽڻ ٿو چاهي. تون دل مضبوط کر ۽ جنهن حد تائين مال خرچ ڪري سگهين ڪر، ۽ سندس مخالفن جي حق ۾ تمام گهڻو انعام ۽ بخشش [۱۲۷] خرچ ڪر. جيڪو به ڪا جاگير يا ملڪ گهري تہ ان کي ناميد نہ ڪر. بلڪ سندس عرض قبول ڪري، کيس پنهنجي فرمانن ۽ امن نامي سان دلجاء ڏي. چاڪاڻ تہ بادشاهي وٺڻ جا چار طريقا آهن: پهريون صلح، همدردي، چشم پوشي، ۽ سڳابندي؛ ٻيو پئسو خرچڻ ۽ انعام ڏيڻ، ٽيون دشمن جي مخالفت کي پوريءَ طرح سمجهڻ ۽ مخالفن جو مزاج معلوم ڪرڻ؛ چوٿون رعب، هيبت، دليري، قوت ۽ دٻدٻو. [هر طرح سان] آنهن دشمنن جي دفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. (ننڍا ننڍا) بادشاهہ جيڪو ٻہ عرض ڪن تہ (انهن کي) پڪي انجام نامي سان دلجاء ڏي. جڏهن خدمت ۾ حاضر ٿي پاڻ تي دل مقرر ڪن تہ ٻوءِ جيڪي ٻہ ڏوکڙ يا سامان خزاني ۾ پهچائين سو وٺندو رهہ. سيني کي تسلي ڏيندو رهہ. جيڪڏهن کنهن کي قاصد ڪري موڪلڻ گهرين تہ ٻوءِ ضروري آهي تہ سندس عقل، مذهب، دوراندیشي ۽ امانت تي توکي اعتماد هجي. ائين نہ ٿي تہ سندس ڀالهاڻ ۽ وچڻ ڪري اسلام کي ڪوبہ نقصان پهچي. پاڻ کي دشمنن جي اوچتي حملي، حيلن، آفت، ٺڳيءَ ۽ مڪر کان حفاظت ۾ رکجي. ضروري کمن جي پوئيواري ۾ دوراندیشي ۽ هوشياريءَ جا شرط بجا آڻج، ۽ ظاهر کاڻ خبردار رهج. جيڪڏهين کو (پنهنجو) معتمد

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

يا معتقد موڪلين^ (۱) ته انهيءَ کي وصيت ڪج ته هن جي ميل جول ۽ همنشينيءَ کان بيخيالو نه ٿئي؛ ۽ ان کي خير خواهيءَ جو شرط کوڻي ٻڌائج ته جيڪڏهن پيغام پهچائڻ لاءِ راجا جي روبرو وڃي ته هن کي سڀني مڪين ماڻهن ۽ محفل جي بزرگن جي سامهون ٻيڌائيءَ سان پيغام پهچائي. سندس جواب چگيءَ طرح ٻڌڻ گهرجيس؛ ۽ ٻي کانپ نرمي ۽ چشم پوشي نه ڪرڻ گهرجيس. قاصدن جي همت سهڻن وندن سان وڌائج، (۽ کين ٻڌائج) ته: توهان ساري اسلامي لشکر جا امام ۽ پيشوا آهيو، ۽ سڀني جون اميدون توهان جي گفتگو سان وابسته آهن؛ تنهنڪري توهان کي گهرجي ته پيغام پوريءَ طرح ادا ڪريو. مسلمانن جو قاصد، پاڪ مذهب [وارو] هڻڻ گهرجي، [۱۲۸] جيئن سخن ڏهڻي سان ۽ بنان گهٽ وڌائيءَ جي ادا ڪري. مخالفن کي توحيد تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏج، [۽ انهن کي ٻڌائج] ته جيڪو اللهه جي هيڪڙائيءَ کي مڃي، تابعداري ڪندو ته انهيءَ کي مال، شهر، زمين ۽ ٻني عطا ڪئي ويندي؛ ۽ جيڪو اسلام جي آڏو سر نه جهڪائي ته انهيءَ کي ڪو ڏڙڪو ڏج، جيئن هو فرمانبردار رهي. جيڪڏهين [انهيءَ هوندي ب] اطاعت کان سرڪشي ڪري ته پوء ڪيس [صاف]

---

(۱) اصل متن ۾ هي لفظ "بفرستد" آهي جو واحد غائب جو صيغو آهي. ۽ سندس ضمير ڏاهر ڏانهن وري ٿو، پر ائين ڪرڻ سان سڄي جملي جي معنيٰ ۾ خلل پيدا ٿي ٿو پوي. اسان جي خيال ۾ "بفرستد" لفظ "بفرستي" جي بگڙيل صورتخطي آهي، ۽ اسان ترجمي ۾ "بفرستي" خيال ۾ رکي، ترجمو ڪيو آهي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏائج تہ جنهن صورت ۾ اطاعت کان منهن موڙيو اٿيئي تنهن صورت ۾ لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيءُ. ۽ ڪين مهراڻ ندي جي ٽپڻ جو اختيار نہ ڏج. [بلڪ] چنج تہ: جيڪڏهن توهان تيار آهيو تہ پوءِ [توهان کي] کاڌ روڪ ناهي، ۽ جيئن تہ اسان هيڏو رستو طئي ڪري آيا آهيون، تنهنڪري اسان کي ئي مهراڻ ٽپڻو ۽ بنان روڪ ٽوڪ جي مقابلي ۾ اچڻو آهي، تہ جيئن هنهي طرفن جي وچ ۾ شڪ شبهو ۽ خار، خار جي مجال نہ رهي. جنهن ۾ جاءِ تي دشمن جي سامهون ٿيو، اها جاءِ ڪليل ميدان هجڻ گهرجي، جيئن جاءِ جي ميدان ۾ مرد مرد ۽ سوار سوار جي برابر جولان ڏيئي سگهي. انهيءَ سيڪجهه هوندي ۾ جڏهين جنگ جوڙين، تڏهين الله پاڪ جي ڪرم تي توڪل رکج، ۽ (آنهي جي) مضبوط ڪڙي ۾ هٿ هڻج، ۽ ڏسج) تہ فضا ۽ تقدير انهيءَ غيب جي پردي مان چا ٿي پيدا ڪري، ۽ آنان ڪهڙيءَ پارٽيءَ جي بادشاهيءَ جي ختم ٿيڻ جو حڪم جاري ٿو ٿئي: ۽ جيڪڏهين هوءَ پيغام موڪلين ۽ چون تہ. مهراڻ جي پائيءَ مان تون ٿو لنگهين يا اسان لنگهون؟ تہ انهن کي اختيار نہ ڏج: بلڪ چنج تہ مان ٽپي ٿو اچان، تہ تنهنجو رعب ۽ هيبت دشمن جي دل تي اثر ڪري، ۽ چون جيڪڏهن اسلام جي لشڪر کي قوت ۽ طاقت نہ هجي ها تہ اڻين اسان جي سامهون نہ اچي ها!

پيو تہ عرب جي لشڪر جي جيڪا جماعت تنهنجي تابعداريءَ ۾ آهي اميد آهي تہ آهي موٽي نہ ويندا ۽ لڙائي ڪان منهن نہ ڦيرائيندا، بلڪ جند جان جي بازي لڙائيندا، ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خدا تعالي تي توڪل رکي جنگ شوق سان ڪندا ۽ ثابت‌قدم رهندا ۽ لڙائي خواهه تنهنجي اطاعت ۾ سندن نيت سچي رهندي، جيئن الله پاڪ عزوجل جو رضامندو حاصل ڪري سگهن [۱۲۹]. درياء ٽپڻ لاءِ اهڙي جڳهه اختيار ڪج، جتي پير کوڙي سگهين ۽ سئون سڌو لنگهه هجي. (پوء) جاچ‌جوچ ڪري اتان لنگهجو، ۽ دوراندیشي ۽ خبرداريءَ کي هٿان نه ڇڏج. لنگهڻ وقت لشڪر کي تيار رکج، ۽ [لشڪر جو] ميمنه (سجو)، ميسره (کبو)، قلب (وچ)، مقدمه (اڳ) ۽ ساقه (پڇاڙي) سڌو رکج، ۽ پيادن ۽ اکيلن کي اڳوات موڪلج. ڪنهن به برگستوانيءَ (۱) کي وچ ۾ نه رکج.

حجاج جو خط پهتو ته محمد بن قاسم درياءَ ٽپڻ جي تدبير ڪرڻ لڳو، ۽ اهو پڪو ارادو ڪيائين.

محمد بن قاسم جي نيرون ڪوٽ ۾ پهچڻ جي

ڏاهر کي خبر پوڻ. (۲)

اتي راجا ڏاهر هند جي دانائن ۽ پنهنجن فيلسوفن ۽

---

(۱) معنيٰ لاءِ ڏسو سڌي حاشيه ص [۹۹] (۲) هن باب جي مضمون سان اول اهو گمان ٿئي ٿو ته شايد ڏاهر کي محمد بن قاسم جي نيرون وٽ اچڻ جي خبرئي تڏهن پيئي آهي، جڏهن هو سيوستان ۽ ٻڌيه جي پرڳڻي کان ئي نيرون ڪوٽ موٽي آيو آهي. پر حقيقت ۾ ائين نه آهي، بلڪ مصنف هت ۽ هن ڪان پوء نئين عنوان هيٺ اهي ساڳيون حقيقتون ورائي لکيون آهن، جيڪي هن ڪان اڳ صفحي [۱۱۶] ڪان [۱۱۸] تائين اڳي ڄڪيون آهن. دوباره لکڻ جو سبب فقط اهو آهي جو لکندڙ ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي جنگ جي هٿان ڪان تمهيد ٻڌڻ چاهي ٿو. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نجومين کان پڇيو تہ: "هينئر خبر هـڏي ويڻي آهي تہ محمد [بن] قاسم ظاهر ٿيو آهي، ۽ قلعي نيرون جـي قريب زبردست لشکر سان لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيو بيٺو آهي. (ٻڌايو تہ) توهان کي نجوم ۽ تاريخن جـي ڪتاب مان چا ٿو معلوم ٿئي؟ ۽ وقت جي ستاري ۽ سال جـي تقويم مـان چا ٿـو نڪري؟" نـجومين تعريف، وصف ۽ ثنا کان پـوءِ عرض ڪيو تـہ: "راجا سلامت رهي! گذريل تاريخ جي پراڻن ڪتابن ۽ جاماسپ حڪيم جي نجوم سان اڄ معلوم ٿيو آهي تہ سن ۹۲ هجريءَ ۾ نيرون جو قلعو اسلامي لشکر جي حوالي ٿيندو ۽ سـن ۹۳ هجري ۾ پورو هند ستان: هي قلعا جيڪي سڪندر جـي هڏ ڪان بـہ وڌيڪ مضبوط آهن، مسلمانن جـي ملڪيت ٿيندا، ۽ اها فتح محمد بن قاسم جي هٿان ٿيندي ۽ اهو وعدو پـورو ٿيندو. پـوءِ راجا ڏاهـر [۱۳۰] پنڌرڪو شمني (۱) ڪـي، جنهن جي سنيال ۾ نيرون جو قلعو هو، موڪليو ۽ چيو تہ: توکي نيرون ڪوٽ ۾ وڃي انهن جو احوال ڪـان اسان کي اطلاع ڏيڻ گهرجي. شمني انهيءَ اشـاري تـي نيرون ڪوٽ آيو ۽ پنج سردار ساڻ ڪري حجاج جا پروانا پاڻ سان ڪڍي عربن جي ڪئمپ ۾ محمد بن‌قاسم‌وٽ ويو. ٿيڻاتہ[بن] حنظلہ سندن وچان ٿيو. جڏهين درخواست ۽ نذرانو پيش ڪيائين، تڏهين محمد بن قاسم فرمايو تـہ: "هـن پرواني جـي حڪم جي پيروي ڪرڻي اٿم. ليڪن تو لشڪر جـي پوڄڻ وقت دروازو بند ڪيو هو، جنهن اسان تـي وڏو اثر ڪيو.

---

(۱) اصل ۾: سمني پنڌرڪو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جڏهين توهان تابعداري ڪندا ته پوءِ قلعي جا دروازا بند ڪرڻ ۽ لشکر کي روڪڻ ڇگو ڪم نه هو جو انهيءَ ڪري لشکر ۾ اناج اڻلڀ ٿي ويو هو." اتي شمني معذرت ڪرڻ لڳو ته: جنهن صورت ۾ اسان جي ڪاروبار جون مصلحتون راجا ڏاهر سان تعلق رکن ٿيون ؛ مان هتي حاضر ڪونه هئس، تنهنڪري توهان جي پڇڻ تي رعيت متردد ٿي ۽ ڏني ته ستان سوڙهه وقت قلعيوارن کي ڪو نقصان پهچايو. هاڻي جڏهين آءُ خدمت ۾ پهتو آهيان ته فرمانبرداري ۽ اخلاص جو رستو بجاءِ آڻيندو رهندس، ۽ جيڪا تنهنجي مرضي هوندي انهيءَ موجب عمل ڪندس.

محمد بن قاسم جي نيرون جي شمني کي خلعت پهرائڻ.

پوءِ محمد بن قاسم ڪيس سروپاءِ پهرائي عزت افزائي ڪئي، ۽ مٺي گهٽيون مهربانيون فرمائي ڪيس واپس ڪيو. شمني موڪي وڃي قلعي جو دروازو کولي، تحفا ۽ سوڪڙيون موڪليون، ۽ سپاهي خريد فروخت لاءِ قلعي ۾ ويڻ ڏنو. ڏينهن جڏهن ستارن جي بادشاهه جو جهنڊو لاجورڊي چت تي لهرائڻ لڳو (۱) ته محمد بن قاسم گهوڙي تي سوار ٿي مڪيه ماٿهن ۽ برگزيدن سان گڏجي قلعي ۾ آيو، ۽ بتڪده جي جاءِ تي مسجد ٺهرائي انهيءَ ۾ ٻه رڪعتون نفل پڙهائين. (تنهن کان پوءِ) ڏهل جي قبيلي ۽

(۱) يعني سج اپريو (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اهل بصره سان هڪ ساڻهو اتي [۱۳۱] نائب مقرر ڪيائين (۱).

پوء اتان منزل ڪوچ ڪيائين ۽ مهراڻ ندي ٽپڻ لاءِ شمن ڪي به پاڻ سان ڪنيائين. [ايتري ۾] شمني راسل رسني (۲) جي بزرگن ۽ يڪيين جي ڪن سرڪردن حاضر ٿي آمان گهري، انهن ڪي جهڙيءَ طرح حجاج حڪم جاري ڪيو هو، جواب ڏيئي انجام پڪو ڪري، اشبهار جي قلعي تي (ڪاهي) وبو، ۽ محرم سنہ ۹۳ هجريءَ (۳) ۾ انهي قلعي جي آسپاس وڃي لٿو. اهو هڪ مضبوط قلعو ڏسڻ ۾ آيس. قلعي وارن لڙائيءَ جي تياري ڪري هڪ وڏي ڪاهي تيار ڪئي هئي، ۽ قلعي جي الهندي وارن جتن ۽ ڳوناڻن ڪي قلعي ۾ آندو هٿائون. محمد بن قاسم جنگ شروع ڪئي: هڪ هفتو بيهڪ ڪري مقابلو ڪيائون، پر پوء آمان گهري فرمانبرداري هيٺ آيا، ۽ پنهنجي گردن ۾ بندگيءَ جو طوق وڌائون. محمد بن قاسم، حجاج جي پرواني موجب انهن ڪي آمان ڏني، ۽ جيڪي ساڻهو سندس متابعت ۾ آيا تن

---

(۱) هن هنڌ تائين هن عنوان ۽ مٿين عنوان هيٺ ڪو بيش اهو ساڳيو بيان ڏنو ويو آهي، جو هن ڪتاب جي ص [۱۱۶-۱۸] تي اچي چڪو آهي. هن بعد نئون بيان شروع ٿئي ٿو. (ن-ب) (۲) ن، ب: راسل رسي؛ ل، م: راسڻ رسن؛؛ س: راهل رسي (۳) مصنف مٿي ص [۱۰۲] ۾ چئي آيو آهي ته محمد بن قاسم محرم ۹۳ هجريءَ ۾ ديبل وٽ پهتو. ساڳئي مهيني ۽ سال ۾ ديبل، نيرون ڪوٽ، سيوڻ وغيره قلعا فتح ڪري اشبهار قلعي تي ڪاهڻ ناممڪن آهي. تنهنڪري اتي محرم سنہ ۹۴ هـ هٿ گهرجي يا محرم جي بدلي سنہ ۹۳ هـ جو ڪو ٻيو مهينو. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[پنهنجي مٿان] دل قبول ڪري، قلعي جو دروازو کولي ڇڏيو. محمد بن قاسم پنهنجي امينن سان گڏ اندر آيو، ۽ ڪنجي پنهنجن سڄن اعتبار وارن ۽ تمام پڪن معتقدن جي حوالي ڪيائين، انهيءَ جاءِ جي حڪومت تي هڪ ايماندار (ماڻهو) مقرر ڪري انهيءَ قلعي جي فتح بابت حجاج ڏانهن لکيائين. (هي ہ لکيائين) تہ انهن بهادر جتن کي آمان ڏني اٿس، ۽ ڪيس (آني ٽيل) قتل ۽ خونريزيءَ جو (پڻ) اطلاع ڪيائين. انهيءَ قلعي ہ ڪپل وقت ترسي، نائب مقرر ڪري، ٻاڻ راوڙ جي حد ہ مهراڻ جي الهندي ڪناري تي اچي لٿو [۱۳۲].

مهراڻ جي ڪناري واري منزل تي محمد بن قاسم جي لڙائي ڪڻ.

ٻوءِ جيئن محمد بن قاسم، مهراڻ جي پٽڻ تي اچي لٿو، (۱) تہ بيت جي حاڪم جاهين سائس جنگ جوڙي (۱).

---

(۱)-(۱) فارسي ايڊيشن جي عبارت شروع کان هن طرح آهي: "پس چون محمد قاسم بر معبر مهراڻ نزول کرد، و با جاهين، ملک بيت جنگ پيوست." هيءَ جملو جڙ اٽپورو آهي. ر ہ جملي جو پهريون حصو هن طرح آهي: "باوي جاهين، ملک بيت جنگ پيوست" جو هڪ تہ سڄي جملي جي لحاظ سان پورو آهي ٻيو تہ اڳتي ايندڙ حقيقتن مطابق آهي، جيئن ص [۱۴۵] تي ٻڌايو ويو آهي تہ ڏاهر، جاهين کي ٿي محمد بن قاسم سان جنگ جوڙڻ جو حڪم ڏنو: "و (داهر) جاهين را فرمود کہ برلب مهراڻ بموضعي کہ آب را جائي عبره بود برابر حصار بيت بايست" (ڏاهر جاهين کي بيٺ جي قلعي جي سامهون جتي پاڻي جو گهيرو هو اتي مهراڻ جي ڪناري تي ٻيهڻ جو حڪم ڏنو). اسان ترجمو ر جي پڙهڻي مطابق ڪيو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

روايت: (۱) تاريخ جي مصنفن هن طرح روايت ڪئي آهي ته: جڏهن محمد بن قاسم جي راوڙ ۽ جيور جي حد ۾ پهچڻ جي خبر ڏاهر کي پهتي ۽ پڇيائين ته: عرب ڪٽي پهتا آهن؟ ۽ ٻڌايائونس ته جيوَر جي حد ۾ داخل ٿيا آهن. تڏهين چيائين ته: "عربن جو چگو غلبو ڏيو آهي، ۽ بخت ضرور سندن همراهه آهي." پوء محمد بن قاسم موڪي پٽ وسايي (۲) ڏانهن قاصد موڪليو ته (۴) وجورته قصبي وارو ملڪ (۲) توکي جاگير طور ڏجي ٿو ۽ انهيء ماڪ تي تنهنجو قبضو تسليم ڪيو وڃي ٿو.

موڪي [پٽ] وسايي جي عهدنامي جي خبر ڏاهر کي ٻوڌ.

پوء ڪنهن مائهوء ڏاهر کي وڃي خبر ٻڌائي ته

---

(۱) هي روايت جڏ معترضه آهي، جنهن ۾ محمد بن قاسم ۽ جاهين جي مقابلي کان اڳ جا حالات بيان ڪيا ويا آهن. انهيء لحاظ سان هن کان مٿين جملي کي جڏ هڪ عنوان سمجهڻ گهرجي، جنهن جو خاص بيان اڳتي ايندو. (ن-ب) (۲) فارسي متن ۾: موڪه بن بسايه. ل، م ۾ "بسايه" جي بدران هر جڳهه "پسايه" آهي. (ن-ب) (۳)- (۳) هتي فارسي متن جي عبارت "ولايت قصبه و سورته" (يعني سورٺ ۽ ڪچ جي ولايت) آهي جا ايڊيٽر جي پنهنجي گماني پڙهٽي آهي. ل، م، ن، ب، س، ڪ ۾ "ولايت قصبه و جورته" ۽ پ ۾ "ولايت قصبه جورته" لکيل آهي. اسان ٻهرين ٻنهن نسخن جي متفق پڙهٽي مطابق "ولايت قصبه و جورته" جي پڙهٽي کي ترجيح ڏني آهي ۽ ترجمو به انهيء مطابق ڪيو آهي. قصبه و جورته" لاء وڌيڪ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [۱۳۳]: (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

موڪي [پٺ] وسايي، محمد بن قاسم جي بيعت ڪئي آهي، ۽ قاصد موڪلي [هڪڙي] سان عهدنامو ڪيو اٽڪن، ۽ قاصدن هٿ محمد بن قاسم ڏانهن جواب موڪليو اٽس تہ: "جيڪي تو فرمايو هو سو صحيح معلوم ٿيو ۽ اسان تي جيڪا عنايت ڪئي اٿوَ ان جو ٿورو مڃون ٿا. توهان جيڪي به وعدا فرمايا آهن، انهن جا اسان دل و جان سان شائق آهيون، ۽ توهان جي فرمانبرداري ڪرڻ ڏانهن دل تمام مائل آهي. توهان جي خوشي سيني ڪمن کان مقدم رکنداسون، ۽ [جيڪڏهن] کو بهانو پيدا ٿيو تہ [پوء] حڪم جو تابعدار رهڻ لازمي ڄاڻنداسون. پر جن بادشاهن جي نمڪ جو حق [اسان جهڙن] خدمتگارن جي گردن تي لازم آهي، تن سان عهد پيڃ ۽ بيوفائي ڪرڻ [۱۳۳] اهڙو گناهہ ۽ خيانت آهي جو دوراندیشي ۽ امانت کان دور آهي، ۽ جيستائين هن جي طاقت کان اهڙو کو خوف پيدا نہ ٿئي جو نفس ۽ جان لاء خطرو هجي، تيستائين امانت ۽ دوراندیشي ڇڏي ڏيڻ اٿوٽندڙ طريقو آهي.

(ملڪ موڪي [پٺ] وسايي جي درخواست:) پنهنجي سنڌ جو ملڪ اسان جو وطن آهي، ۽ اسان جن پٽن ڏاڏن جو ورثو ۽ ڪمائي. راجا ڏاهر سان اسان جي قرابت آهي، ۽ هو هندستان جي راجائن جو راجا آهي. هو جيتري به بلند درجي کي پهچندو تہ انهيءَ مان اسان کي بہ وڏو نصيب ۽ مڪمل حصو ملندو. [هن سان] هر حال، رنج خواهہ راحت، ۽ موافقت جا شرط بجاء آڻڻ اسان تي لازم ۽ ثابت آهن:

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏک ۽ سک ۾ برابر، ۽ ملڪ ۾ پائيوار آهيون. ليڪن عقل جي طريقي انهن معلوم ٿو ٿئي، ۽ حڪمت جي دليل سان اهڙيءَ طرح عيان آهي، تہ هيءَ حڪومت اسان کان نڪري ٻئي جي حوالي ٿيندي.

موڪي [پٺ] وساڻي جو [محمد بن قاسم سان] عهدنامو ڪرڻ.

"سنڌ جا حڪيم ۽ هندستان جا فيلسوف جيڪي هن ملڪ جا رهاڪو آهن، تن اصطرلاب ۽ نجوم جي ذريعي قديم ڪتابن مان هي نتيجو ڪڍيو آهي تہ هن بادشاهيءَ کي اسلام جو لشکر فتح ڪري قبضي هيٺ آڻيندو. جنهن مائٿوءَ جو بخت مددگار ٿيندو آهي ۽ ڪاميابي همراه، ۽ [پٺ] هو دوراندیشي ۽ همت وارو هوندو آهي، تہ جو واقعو پيدا ٿيندو تنهن مان هو تجربو پرائيندو ۽ وڌيڪ هوشيار ٿيندو ويندو آهي، جيئن چوڪاري جو رستو ڪائنس بلڪل نہ رهي. انهن نہ ٿئي جو جڏهين موقعو ۽ وقت نڪري وڃي تڏهن ڪيس اها تڪليف پهچي. تہ جنهن صورت ۾ مون سان صلاح ڪئي آهي ۽ اسان جي طرف جي رعايت ڪرڻ واجب سمجهي اٿئي تہ [آها توهان جي] امانت آهي، ۽ مان جيڪڏهن جواب با صواب نہ ڏيندس تہ مخالفت ٿيندي، ۽ جيڪڏهن سان خود راءِ ٿي جنگ ۽ لڙائي ڪان سواءِ اچي خدمت ۾ حاضر ٿيندس تہ دشمنن جي ملامت ۽ خاندان جي بدنامي [۱۳۴] جو باعث ٿيندس.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[تنهنڪري صلاح هي آهي] تہ (۱) هينئر ساڪري جي راڻي سان نيائيءَ جي شادي ڪرائڻ جي بهاني سان وڃڻ ٿئي ٿو(۱). امير محمد بن قاسم ـ شال سندس مرتبو قائم رهي! هزار سوارن کي حڪم ڪري تہ فلاڻي رستي تي وڃي مون کي رستي مان پکڙي، اچي خدمت ۾ حاضر ڪن، تہ مون کي بہ بهانو ملي وڃي، ۽ خلق جي واتن ۾ گلا بہ نہ ٿئي تہ هن بيوفائي ڪئي؛ ۽ ڏاهر کي بہ بدگماني نہ ٿيندي، چاڪاڻ [تہ ڏسندو تہ] مون کي مجبور ڪري زبردستيءَ سان وٺي ويا."

سوڪي [پٽ] وسايي جي چوڻ تي نُباتہ بن حنظلہ کي موڪلڻ.

هوء محمد بن قاسم کي سندس قول تي پورو اعتماد ٿيو. هن سندس چوڻ سچو سمجهي نُباته بن حنظله کي هڪ هزار پورن هٿيارن سان سينگاريل ۽ چونڊيل گهوڙيسوارن سان موڪي [پٽ] وسايي جي مقرر ڪيل انجام تي موڪليو، ۽ پاڻ پڻ انهيءَ جي ويجهو منزل ڪيائين. [هوڏانهن] موڪو پڻ سؤ سوار ساڻ ڪري روانو ٿيو ۽ اچي انهيءَ جاء تي رسيو.

---

(۱)-(۱) فارسي ايڊيشن جي عبارت "اكنون بہ بهانه تزويج دختر رانه ساكرا رفته مي شود". "رانه ساكرا" جي عوض مختلف نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن. پ: رانه ساكرا؛ ر: راوساكرا؛ م: راو ساكر ن،ب،س: دخترانه ساكرا؛ ك: دخترانه ساكران.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نُباته بن حنظله جو وڃڻ ۽ موڪي [پٺ] وسايي ڪي ٽڪرن سميت گرفتار ڪرڻ.

پوء نُباته بن حنظله پنهنجن سوارن ۽ ترجمان سان اڳي رستو روڪيو، ۽ موڪو [پٺ] وسايو ويهن ٽُڪرن ۽ لشڪر سميت گرفتار ٿيو. ڪيس جڏهين محمد بن قاسم جي سامهون آندائون، تڏهين امير سائس عزت ۽ تعظيم سان پيش آيو، ۽ **ٻيٽ** وارو ملڪ هن جي حڪم هيٺ ڏنائين، ۽ سندس عرض تي انهن ٽڪرن جو پروانو صحيح ڪري ڪيس عطا ڪيائين، ۽ لکايا درهم انعام طور بخشش ڪري، سائو طاؤسي ڇٽ، ڪرسي ۽ سروپاء عطا ڪيائين؛ [تنهن سان گڏ] سندس سڀني ٽڪرن کي خلعتن، سنجيل گهوڙن ۽ گهٽن انعامن سان سرفراز ڪيائين.

تاريخ جا مصنف ۽ جهان گرد [۱۳۵] سيلاني هن طرح روايت ڪن ٿا تہ: اميريءَ جو پهريون ڇٽ [محمد بن قاسم] **موڪي** کي ڏنو هو، ۽ سندس عرض تي قصبه [وجورتہ] (۱) واري اراضي ۾ ملڪيت طور ڪيس ۽ سندس فرزندن جي حوالي ڪري پروانو لکي ڏنائين، ۽ **ٻيٽ** جو پورو علائقو، پسگرداڻي ۽ آباديءَ سميت ڪيس ڏيئي پکو عهدنامو ڪري، ٻڙين مهيا ڪرڻ جي پارت ڪيائين.

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ "زمين قصه" (يعني ڪچ واري اراضي). **پ** ۽ **ر** جي پڙهڻ صاف طرح "زمين قصبه" آهي؛ ڪيل تصحيح لاءِ ڏسو ٻي حاشيه ص [۱۳۳]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جو شامي قاصد ۽ مولاي اسلام (۱) کي موڪلڻ.

پوءِ محمد بن قاسم مهراڻ جي ڪناري تي منزل ڪري، شام جي بزرگن مان هڪ بزرگ ۽ مولاي اسلام ديبلي کي جو محمد بن قاسم جي هٿ تي اسلام جي عزت سان مشرف ٿيو هو- موڪليو تہ: جيڪي شامي چوي سو ڏاهر [بن] چچ کي ۽ جيڪو ڏاهر جواب ڏئي سو هن کي سمجهائج: : پيغام ڏيڻ شروع ڪرين تہ اهو دربار ۾ ڪيترا مائهن جي مجلس ۾ ادا ڪج ۽ صاف لفظن ۾ جواب جي طلب ڪج، جيئن حجاج جي فرمان جي منڊ ۾ لکيل آهي.

شامي قاصد جو ڏاهر وٽ وڃڻ.

جڏهن شامي قاصد ۽ ديبل جو مولاي اسلام ڏاهر وٽ ويا، تڏهن مولاي اسلام ديبليءَ مٿو نوڑائي خدمت بجا نہ آندي. ڏاهر کيس سڃاڻندو هو، سو کيس چيائين تہ: "ڇا لاءِ قانون موجب خدمت جو شرط پورو نہ ڪيئي؟ شايد تو کي روڪيو اٿن؟" مولاي اسلام جواب ڏنو تہ: "جڏهن مان توهان جي طريقي تي هئس، تڏهن بندگيءَ جا شرط بجا آڻڻ مون تي واجب هئا، [۱۳۶] پر هاڻي جڏهن اسلام جي شرف سان

---

(۱) اصل عبارت "مولانا اسلامي" جا غلط آهي. ان وقت "مولانا جو خطاب توڙي "اسلامي" نالو ناهيد هئا. صحيح "مولائي اسلام" سمجهڻ گهرجي ڇو تہ هيٺ "مولاي ديبلي" ۽ وري ايندڙ عنوان هيٺ صاف طور "مولاي اسلام ديبل" آيو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مشرف ٿيو آهيان ۽ اسان جو تعلق اسلام جي بادشاهه سان قائم ٿي چڪو آهي، تڏهين ڪافر اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ واجب نه آهي."

ڏاهر جو ديچارڻ.

(اهو ٻڌي) ڏاهر چيو ته: "جيڪڏهين نون قاصد نه هجين ها ته توکي سزا طور حڪم ڪري ڪهائي ڇڏيان ها." مولاي ديبلي فرمايو ته: "جيڪڏن تون اسان جي ڪهڙ تي تيار آهين ته انهيءَ ڪري عربن جو نقصان ڪونه ٿيندو، ۽ خرچ جي [عوض] گهرڻ لاءِ بدلو ونندڙ موجود آهن، جيڪي توسان پڄي پورا ٿيندا."

شاميءَ جو پيغام ادا ڪرڻ.

پوءِ شاميءَ زبان کولي ته: "اسان اسر جي پاران توڏانهن قاصد ٿي آيا آهيون، ۽ اسان کي هيءُ پيغام تنهنجي حاڪم ۽ راڻن جي روبرو ادا ڪرڻ جو حڪم آهي." ڏاهر وراڻيو ته: "چئي ڏي، ڇاڪاڻ ته قاصد پنهنجي مخدوم جو پيغام پهچائيندڙ ۽ فرمان ادا ڪندڙ آهي." ڇهائين: "امير محمد بن قاسم هن طرح فرمايو آهي ته تون مختار آهين: جيڪڏهين [درياءَ] لنگهي اچين ته رستو کليل آهي ۽ ڪابه روڪ نه آهي. نه ته (هيءَ صورت ۾ رستو کليل رکو ته عرب جو لشکر درياءَ ٽپي توهان جي سامهون ٿئي."

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏاهر جي سياکر وزير سان صلاح ڪرڻ.

ڏاهر پوء سياکر وزير سان صلاح ڪئي تہ: هن باري ۾ تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي؟ سياکر وزير چيو تہ: "سان ڪيئي دفعا، جن جن ڳالهين ۾ صلاح ڏيڻ مناسب سمجهي [۱۳۷] تن سيني ڪمن ۾ راجا جي خيرخواهي ۽ نصيحت ڪرڻ لازم ٿي ڄاتم، ۽ راجا کي انهيءَ جو اثر به معلوم ٿيو. مون جيڪا راءِ نصيحت طور پٽ ٿپي لشکر کي سامهون ٿيو. تنهن جي ڏني هئي، تنهن ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڪيئي، ۽ قبول نہ فرمايئي. هاڻي جڏهن حالت تنگ ٿي آهي، ۽ هن سان لڑائي ڪرڻ تي مجبور ٿيو آهين، تڏهين ڇڏ تہ سندس سارو لشکر هن طرف ٿپي اچي، ۽ پوئي لشکر سامهون ٿين. هن طرف جو ملڪ تنهنجي هٿ ۾ آهي، شهر ۽ خزانا تنهنجي ضابطي ۽ تصرف هيٺ آهن؛ اناج، هٿيار، سامان ۽ لڑائيءَ جو اسباب موجود آهي. [پوئي طرف] هن جي مدد کپجي ويندي، جنهن صورت ۾ سندن پويان مهراڻ جو پاڻي هوندو تنهن صورت ۾ ڪوبہ واهرو ڪين پهچي نہ سگهندو، ۽ هو قيدين وانگر تنهنجي هٿ ۾ عاجز ٿيندا، ۽ مٿن حيلي جا سڀ دروازا بند رهندا. انهيءَ ڪري جنگ جو سڀ سامان، گهوڙا، هاٿي، لشکر ۽ نوڪر چاڪر سڀ تنهنجي قبضي ۾ ايندا."

پوء هڪ عِلافيَ، جو [اصل] شام جي لشکر سان هو ۽ [سنڌ ۾] عرب جي لشکر جي اچڻ کان اڳ ۾ ڪنهن گناهہ سبب روپوش ٿي اچي راجا ڏاهر جي خدمت ۾ پهتو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هو ۽ سائس تعلق پيدا ڪيو هٿائين، تنهن ڪ.ي [راجا ڏاهر] سڏي هن رت بابت صلاح ڪئي، ۽ چيائينس تہ: "اي محمد! سياڪر وزير هيءَ تقرير ڪئي آهي؛ اها توکي پوري ڏسڻ ۾ اچي ٿي يا نہ؟" محمد علافيءَ چيو تہ:

لَاتُقِيْمُنَّ بِدَارٍ لَا اُنْتِفَاعَ بِهَا
فَالْاَرْضُ وَاسِعَةٌ وَالرِّزْقُ مَبْسُوْطٌ.

[نفعو جنهن نہ گهر ۾، نہ ٽک تنهن ۾ تون،
گهٹو رزق جڳ ۾ زمين پـــڻ وسيع.]

هيءَ راءِ، تہ هنن جي لشڪر ڪي هن طرف ٽپي اچڻ ڏجي، پوري نہ آهي. مان انهيءَ سان شامل راءِ نـــ آهيان. چاڪاڻ تہ هن جو لشڪر زبردست آهـــي. جنگي سوار ۽ نالهرا [۱۳۸] سرد پنهنجي ننـگ ناموس جـــي واسطي بيهي رهندا، ۽ خدا تعاليٰ جي خوشيءَ لاءِ الله جي وات ۾ پنهنجو نفس ۽ جان قربان ڪندا: جيڪڏن تہ هو الله جي ڪرم جي پناهہ وٺي [هيءَ خيال ڪندا] تہ هيءَ جهاد ۽ شهادت جي سبب دائمي جهان ڏانهن پهچنداسون، تہ پـــوءِ هو تيستائين نـــ ڪسندا، جيستائين اسان مان ٻيڙا ٽيڙا نـــ ڪهندا؛ ۽ جڏهن جنگ ڏانهن منهن ڪندا تـــ پوءِ تيستائين سندن موڙہ ۽ منهن ڦيرائڻ ڏکيو آهي، جيستائين سيئي خونخوار ترار جو لقمو نہ ٿيندا؛ ۽ هو جڏهن هن طرف لنگهي، ملڪ جي دامن ۾ هٽ هڻي، بادشاهيءَ ۾ پاڻيوار ٿيا تڏهين وڏو فتنو پيدا ٿيندو، ۽ سندن طاقت ۽ دهـــدبو هـــر روز وڌندو ويندو؛ چاڪاڻ تہ تنهنجو گهٹو لشڪر ۽ رعيت هن جي قرلٹ ڪان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

امان گھرندا ۽ پنھنجي حياتيءَ جي بچاءَ لاءِ سائس همراھ ٽيندا، ۽ کيس پناھ جي جاءِ سمجھڻ لڳندا. انھيءَ ڪري صلاح هيءَ آھي ته کين الھندي ڪناري تي روڪي ڇڏي، چاڪاڻ ته ھنن ۽ اسان جي وچ ۾ مھراڻ آھي ۽ سندن ڪنھن به طرح ٽپي اچڻ ۾ اسان لاءِ مصلحت نہ سمجھڻ گھرجي. ٻڌين جي ملاحن ۽ جھنگل جي جتن ڪي انھن تي بچج ته گاھ، اناج، ڪاٺين ۽ ڏڪڻ جا- جي لشکر لاءِ ضروري آھ-ن، رستا روڪين ۽ بند ڪن، ۽ جيڪو به لشکر کان ڏار ٽئي تنھن کي تڪليف رسائين، جيئن تنگ ٽي ڪي بک، جي وگھي نابود ٿين، ته ڪي اگھاڙپ ۽ بي سرو ساماني ڪان (لاچار ٽي) پڇي وڃن، ۽ گھوڙا بنان گاھ، ۽ سوار بنان خرچ جي، لاچار ٽي ٽڙي پکڙي وڃن، ۽ تنھنجي ملڪ ۾ ڪابہ مداخلت نہ ڪري سگھن: جڏھن سندن لشکر پريشان ۽ منتشر ٿيندو ته پوء ھو تنھنجي ملڪ ۾ ڪابہ قرلٽ نہ ڪري سگھندا ۽ تون آسودو رھندين" [۱۳۹].

علافيءَ جي ڏاھر کي نصيحت ڪرڻ.

(روايت): ھن ڳالھہ جي راويءَ چيو ته: ان انھيءَ مجلس ۾ بيٺلن سان ھڪڙو ھئس، ۽ مون کي ويھڻ جو حڪم ڏنائين. علافيءَ جيڪي صلاحون ڏنيون ۽ نصيحت طور ڏاھر جي روبرو بيان ڪيون، سي مون ٻڌيون ۽ سمجھيون. پوء ڏاھر چيو: "تنھنجي دل مان جيڪا به صلاح پيدا ٿيندي ساڻين نصيحت ۽ خير خواھي آھي. ۽ سنھنجي راء جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تقاضا آهي تہ کيس چونڊ ڇڏيان، متان اسان کي عاجز سمجهي خيال کري تہ (هاڻي) هيٹو ٹيو آهي."

راجا ڏاهر جو پيغام.

پوء (هيٹن) چئي شاهي قاصد کي واپس کيائين: "موڪي وڃي پهنجي امير کي چئو تہ (درياء) ٹپڻ ۾ توکي چونڊ ڇڏيو ٹو وڃي. اسان تنهنجي جنگ لاء تيار ويٹا آهيون: ٹون لنگهي اچ، نہ تہ اسين ٹا لنگهي اچون."

محمد بن قاسم جي قاصدن جو ڏاهر وٹان واپس اچڻ.

پوء قاصد، محمد بن قاسم جي خدمت ۾ موڪي آيا ۽ جيڪو پيغام راجا ڏاهر موکليو هو سو ظاهر کيائون. محمد بن قاسم چيو تہ: الله ذوالجلال بي زوال جي تائيد سان آءٌ مهراڻ ٹپڻ اختيار کندس. پوء خدا عزّوجلّ کي ياد کري کائس مدد گهري منزل پٹيائين. ٹيٹ امير، ساري لشکر سميت، مهراڻ جي الهندي کناري تي راوڙ جي قلعي جي مقابل لهي منزل کئي، ۽ موکي [پٹ] وسايي کي سڏي، اعتماد جوگا ايماندار ماڻهو انهيءَ سان گڏ مقرر کيائين، [۽ چيائين] تہ "کا درياء ٹپڻ جهڙي جاء گهوليو [۱۴۰] ۽ ٹپڻ لاء ٻيڑيون پٹ موجود کن، جيئن اسين ٹپي وڃون. [پر وري خيال کيائين] تہ ممکن آهي تہ هيءُ مهراڻ جو پاڻي ٹپڻ ۾ ڏکيو هجي، ۽ اسان لنگهي نہ سگهون. [هٹي طرف کان] دشمن جو دپ [پڻ]

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي، جو درياءَ جي ڪناري تي سامهون ٻيلو آهي. تنهنڪري مون فيصلو ڪيو آهي ته جيستائين حجّاج کان خط جو جواب نه اچي، تيستائين انان لشڪر نڏو لنگهائي سگهان." سو ٻڌي ڏينهن ترسي، هڪ مفصل خط لکيائين، جنهن جو جواب عزت ۽ تعظيم سان پهتو.

محمد بن قاسم ثقفيءَ کي حجاج بن يوسف جو خط پهچڻ.

هيءَ مڪرم و معظم خط حجاج بن يوسف جي طرفان زبردست امير عمادالدين محمد بن قاسم ڏانهن: سلامن بعد واضح هجي ته تو مهراڻ ٽپڻ ۽ راجا ڏاهر بن چچ سان لڙڻ جو ذڪر لکيو هو. بيشڪ مون کي الاهي تائيد ۽ اميد آهي تون فتحمند ڪامياب ٿيندين، ۽ تنهنجو دشمن ڏاهر ذليل ٿيندو. جنهن وقت هو سامهون ٿيندا ته خدا تعالي جي مدد تي ڀروسو ائر ته آسمان جي گردش کان ڪوبه نقصان توهان کي نه پهچندو: چاڪاڻ ته نماز جي پنجن وقتن، خلوت خواهه محفل ۾ اهڙو ڪوبه وقت نڏو گذري جنهن ۾ غائبانه دعا جي امداد نڏي ڪئي وجي ته خدا تعالي توهان کي ڪافرن تي فتح نصيب ڪري ۽ اهي، دشمن ذليل ۽ خوار خراب ٿين: جيڪو حڪم ازل ۾ مُقدّر هوندو آهي، مراد جي پردي مان ٻاهر اهوئي ظاهر ٿيندو آهي، ۽ جيئن جاڪاڻي ۽ گهرجي، تيئن ٿيندو آهي. آءٌ همشه الله پاڪ جي درگاهه ۾ عاجزيءَ ۽ زاريءَ سان هن طرح چوندو رهان ٿو: "اي خداوندا! تون آهو بادشاهه آهين جو توکان سواءَ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻيو ڪوبہ خدا نہ آهي. اسلام جي لشکر کي [سندن حال] کان مٿي قوّت بخشج، ۽ ڪاميابي عطا ڪج!" الله تعالي جي ڪرم ۾ اميد آهي تہ ٿـون مقصد حاصل ڪري اچي اسان سان [۱۴۱] ملندين. هيءَ ضروري آهي تہ جيئن بہ ممڪن ٿي سگهي نيئن درياء ٽپ ۽ الاهي تائيد جـي الـتجا ڪندو رهج، ۽ پنهنجي پناه. سندس رحمت کان چائج، تہ هو پنهنجن عقلن تي هٿ ڪندڙ صلاحڪارن کان (توڪي) بچائي؛ هڪٻئي کي سامهون تيڻ وقت الاهي رضا تي اعتماد رکـي، پنهنجي پوري بهادري ۽ همت بجا آڻجو، چاکاڻ تہ فتح ۽ (الاهي) تائيد، همراهي ۽ قوّت توهان سان شامل ۽ مـددگار آهي، ۽ ملائڪن جي امداد ۽ مسلمانن جـي قرار تـوهان جي طرفان هٿن [مخالفن] تي مُسَلّط آهي. خدا عزّوَجلّ، انهن جـي خبيث ذات کي مسلمانن ۽ ملائڪن جي قرارين ۽ نيرن جو ڪاڇ بنائيندو. الاهي غضب (جو دروازو) انهن لاءِ کليل آهي، آهي، جنهنکري پورو انتقام ۽ عبرتناڪ سزا ڪائيندا.

جڏهين مهراڻ دريـــاءَ اکرڻ چاهين، تـڏهين ڪهيڙ جي ڪناري کي جاچي ڏسج، ۽ ندي‌ءَ جي ٽپ جو انتظام ڪو رکج؛ ۽ انهيءَ ملڪ جا جيڪي رهاڪو ٻيڙين تـــي هجن، [پهريائين] تن کي پڪ انجام ســـان پنهنجو مطيع ۽ مخلص بنائج، ۽ انهن کي چگّيءَ طرح سڃاڻي پـوءِ [درياءَ] ٽپجو. جيئن تہ پاڻي توهان جي پويان هوندو، تنهنکري انهيءَ طـــرف کـان دشمن جو ڪوبہ ڊپ نـــہ رکجو ۽ توهان کي ڪوبہ ايذاءَ نہ رسندو. پـــوءِ جڏهن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

توهان هن جي گهوٽن، شهرن ۽ قلعن ۾ داخل ٿيندا تہ کوبہ ماڻهو توهان سان مقابلو ۽ لڙائي نہ ڪري سگهندو، ۽ هو ڪڏهين بہ توهان جي سامهون پنهنجو پيارو ساهہ هلاڪت ۾ نہ وجهندا. هـــو جنهن بہ قلعي ۾ پناهہ ونڊي پنهنجي ٻيڪ بنائيندا تنهن تي جنهن وقت تنهنجي نظر پوندي تہ الله تعالي جي تائيد ۽ فتح سان ڪلي پوندو، ۽ توهان جي تراز جي هيبت جو اهڙو ڊپ ۽ رعب هن جي دلين تي غالب ٿيندو جو کين کوبہ هٿيار کم نہ ڏيندو، ۽ (اهو رعب) توهان کـــي ڪامياب ۽ فتحمند ڪندو [۱۴۲]. جڏهن هو ڇڻ تہ (هڪدم) اسباب ۽ خزانو قبضي ۾ ڪجو؛ ليڪن پـاڻ کي سندن ڦڪيءَ ۽ فريب کان بچائجو، ۽ هٿ نہ ڪجو: پـوءِ هرهڪ کي اسلام جي ڪلهي ڏانهن سڏجو، ۽ جيڪو اسلام جي عزت سان مشرف ٿئي تنهن جي تربيت ڪجو. مطلب تہ کوبہ دين جو دشمن انهيءَ طرف ۾ نہ رهي. سندن خون توهان جي تراز لاءِ مباح آهي. هيءَ دعا، جا منهنجو وظيفو آهي، هر وقت پڙهندا رهجو. اها مقبول دعا هيءَ آهي:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ. اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَسْئَلُكَ ذَالِكَ بِاَنَّكَ اَنْتَ اللّٰهُ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ لَكَ. مَافِي السَّمٰوٰتِ وَمَافِي الْاَرْضِ. مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَكَ. اِلَّا بِاِذْنِكَ. تَعْلَمُ مَابَيْنَ اَيْدِيْنَا وَمَا خَلْفَنَا. وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِكَ.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

إلاّ بِمَا شِئْتَ. وَسِعَ كُرْسِيُّكَ السَّمٰوٰتِ وَالاَرْضَ. وَلاَ يَؤُدُكَ حِفْظُهُمَا وَ اَنْتَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ وَبَارَكْتَ. اَنْتَ الاَحَدُ الصَّمَدُ لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ وَلَمْ يَكُنْ لَهُ كُفُوًا اَحَدٌ. بِوَجِيْهِكَ الْكَرِيْمِ رَبِّ الْوُجُوْهِ وَخَالِقِ الْوُجُوْهِ وَقَاهِرِ الْوُجُوْهِ وَالْقَادِرِ عَلَى الْوُجُوْهِ. اَنْتَ الْخَيْرُ وَالْكَرَمُ وَالْكَلِمَاتُ التَّامَّاتُ. فَارْفَعْ ذَالِكَ شُكْرًا لِنِعْمَتِكَ وَ مَعْرِفَةً لِحَقِّكَ وَ عَمَلاً بِرِضْوَانِكَ. وَالسَّلاَمُ عَلَيْكَ وَ رَحْمَةُاللّٰهِ وَ بَرَكَاتُهُ وَكَتَبَهُ حُمْرَانُ (١) فِي سَنَةِ ثَلٰثٍ وَ تِسْعِيْنَ [١٢٣].

(اي اسان جا الله! اسان هيءَ توکان انهيءَ کري ٿا گهرون جو تون سدا حيات ۽ سدا قائم الله آهين، جنهن کي کاڌ اوجهراڻي يا نند ننڊ وڻي؛ آسمان ۽ زمين ۾ جيکي به آهي سو تنهنجو آهي. اهڙو کير آهي جو تنهنجي اجازت کان سواءِ تو وٽ سفارش کري؟ جيکي به اسان جي اڳيان يا پٺيان آهي سو تون ڄاڻين ٿو، ۽ تنهنجي مرضيءَ کان سواءِ اسان تنهنجي علم مان کنهن به شيءِ کي پروڙي نٿا سگهون. تنهنجي حڪومت زمين ۽ آسمان تي پکڙيل آهي، ۽ انهن جي حفاظت توکي کاڌ تکليف نٿي رسائي، ۽ تون

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ هي ناالو "حمزان" لکيو ويو آهي. ڏسو نسخي ب جي پڙهڻي صاف طور "حمران" ڄا صحيح آهي. ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [١٢٣]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وڏو ۽ غالب آهين: ۽ هن کري (گهرون ٿا) جو تون واحد ۽ بي نياز آهين، جنهن نه کنهن کي جڏيو آهي ۽ نه کنهن مان جاڏو آهين. ۽ نه جنهن جو کو مٽ آهي. (اسين توکان گهرون ٿا) تنهنجي سگوري ذات جـي محابي جا سيني ذاتين جي رب ۽ سيني ذاتين تي غالب ۽ سيني ذاتين جي خلقيندڙ ۽ سيني ذاتين جي قادر آهي. پلائي، احسان ۽ مڪمل ڪلما تنهنجي هٿ ۾ آهن (انهن سان گڏ)، اسان کي پنهنجي نعمت جو شڪر، پنهنجي حق جي معرفت ۽ پنهنجي رضامندي تي عمل عطا ڪر. ۽ توتي سلامتي، الله پاڪ جـي رحمت ۽ برڪتون هجن. (حمران، سنه ٩٣هـ ۾ لکيو.)

حجاج جو خط پڙهڻ ۽ محمد بن قاسم جو ساڻين کي خطاب ڪرڻ.

پوء محمد بن قاسم اهو خط پڙهي ساڻين کي تقرير ڪئي، ۽ ڏاهر جي جنگ ۽ [درياءَ] جي گهيڙ لنگهڻ لاء تيار ٿيو ته ايتري ۾ هيو خط پهتو.

بسم الله الرحمان الرحيم- بلند درگاهه مان محمد بن قاسم ڏانهن خط آهي تـه دعـا کان پوء، معلوم هجي ته: تنهنجي دشمنن کي مغز ۾ غرور آهي. تون ڍج نه. چـاڪاڻ ته فتح تنهنجي ٿيندي: ۽ جيڪڏهن صلح جي رستي تي اچي، پکو انجام ڪري صلح ڪري ڏيل دارالخلافت جـي خزاني ۾ پهچائي ته اٽين به ٽي سگهي ٿو: ۽ جيڪا ڏاهر سان مهراڻ ٽپڻ ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جنگ کرڻ بابت اجـــازت طلب کيل آهي [تنهن لاءِ محمد بن قاسم کي] حڪم ٿو ڪجي ته اهڙيءَ جاءِ تان ٽپي جتي گپ چڪ نه هجي، ۽ لشکر کي تڪليف نه پهچي. ٻڌ ٻارهن ميلن تائين مٿان کان هيٺ تائين پاڻيءَ جي ويڪر ۽ ديگهه جو نقشو کاغذ تي ڪيي، ۽ ڪناري ۽ گهٽ گهٽ جو نشان ڪري (اسان ڏانهن موڪلي)؛ پوءِ جيڪا جاءِ آءٌ پسند ڪريان اتان لنگهو ته جيئن سپاهين کي کو نقصان نه پهچي.

محمد بن قاسم موڪي [پٺ] وساڻي کي سڏي چيو ته درياءَ ٽپڻ جي تدبير ڪرڻ گهرجي.

ڏاهر جو مهراڻ جي ڪناري تي سامهون اچڻ.

هند جي دانائن، جن هن داستان جي تصوير چٽي آهي، هن طرح روايت ڪئي آهي ته: جڏهين حجاج جـــو حڪم محمد بن قاسم کي پهتو، ۽ [مهراڻ] ٽپڻ جـــي اجازت مليس [ان بابت] هڪ برهمڻ کان روايت ڪيائون، جنهن چيو تـــه مان ميرڏاس بن هڏبڙه تميمي ۽ کـان ٻڌو [۱۴۴]، جنهن بيان ڪيو ته: مان راوڙ ۽ ڏاهر جي لشڪر ۾ هوس جڏهين ڏاهر کي خبر پهتي ته محمد بن قاسم جيبوڙ جي سامهون پوري لشڪر سان اجي منزل ڪئي آهي: ڏاهر هاڻيءَ تي پالکيءَ ٻڌڻ جو حڪم ڪيو ۽ هاڻيءَ تي سوار ٿـي ڪناري ڏانهن روانو ٿيو، ۽ وڃي اسلامي لشڪر جي سامهون بيٺو، ۽ مهراڻ جو پاڻي وچ ۾ هو. [ان وقت] محمد بـن قـاسم لشڪر کي تياري ڪري رهيو هو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شامي ۽ جو شهيد ٿيڻ.

اتي هڪ شامي شخص، جو تيراندازيءَ ۾ ماهر ۽ هٿ جو ملوڪ هو، چاهيو ته گهوڙو پاڻيءَ ۾ هڻي تير وسائي، ۽ سندس گهوڙو پاڻيءَ کان ٿهي رهيو هو، ۽ هيٺ نٿي لٿو. اتي راجا ڏاهر پنهنجي ڪمان گهري. سندس ڪمان وڏي ۽ مضبوط هئي جنهن تي ڪانڌ سواءِ ٻيو ڪوبه زور چاڙهي نه سگهندو هو. انهيءَ تي زور چاڙهي، تير رکي، جيترو ٽي سگهيس اوترو چڪي، شست وڌي تير هنيائين. تير آنهيءَ سوار جي چوٽيءَ ۾ هنيائين، جو مٿي مان لنگهي وڃي سندس دڻ ۾ ويٺو، ۽ هو گهوڙي تان ڪري ٻيو.

(ايترو ڪري) ڏاهر موٽي ويو، ۽ جاهين کي حڪم ڏنائين ته: ٻيٽ جي قلعي جي ساهون جتي گهيڙ آهي اتي ٽي ٻيهر، ۽ ڏسج ته جيئن (عرب) لنگهي نه اچن؛ ۽ ڏسندو رهج ته جيئن اهڙيءَ جاءِ وٽان لهن جتي گپ ۽ وڏو پاڻي هجي. پڻ تون ٻيڙيون تيار رک جيئن ٽپڻ وقت کين نقصان نه رندکون وجهي سگهين. جاهين انهيءَ اشاري تي (عربن) جي رٽ ناڪامياب ڪرڻ لاءِ مهراڻ جي ڪناري تي ٻيهي رهيو.

ايتري ۾ اسلامي لشڪر جا ڪي سوار جي سيوستان ۾ مقرر هئا، پهتا (۽ چيائون) ته چندرام هالم، جو ڪنهن وقت سيوستان جو حاڪم هو، کن ٽڪڙن ۽ ڪامورن [١٤٥] کي قيرائي قلعو قبضي ۾ ڪري ورتو آهي، ۽ عرب جي سپاهين کي باهر ڪڍي ڇڏيو اٿس. هيءَ خبر محمد بن قاسم کي پڌائي ويئي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[محمد بن] مُصْعَب (۱) جو سيوستان وڃڻ.

پوءِ (اها خبر پڌي،) [محمد بن] مُصْعَب (۱) بن عبدالرحمان کي هڪ هزار سوار ۽ ٻه هزار پيادا سان ڏيئي، انهيءَ طرف تي مقرر ڪيائين. هو ڇڏهين سيوستان پهتو، تڏهين چندراءِ ٻاهر نڪري لڙائي ڪئي، پر اسلام جي لشکر جي حملي ڪرڻ تي چندراءِ جو لشکر شڪست کائي ڀڳو؛ چندراءِ قلعي ۾ وڃڻ چاهيو، پر قلعيوارن دروازو بند ڪري ڪيس اندر اچڻ نه ڏنو. آخر ڇهن ڏاڻهن هليو ويو. [محمد بن] مصعب (۱) ٻئي ڏينهن شهر ۾ آيو. [قلعيوارن،] شمني، واپارين، ڪاريگرن ۽ ڇگن کي وڃ ۾ آڻي ٻهانو پيش ڪيو ته اسان جي طرفان ڪوبه گناهه ڪونه هو، هڪ چور اڇي اوچتو پاڻ کي قلعي ۾ سڏيو. هنن جي بيگناهي معلوم ٿيڻ تي [محمد بن] مصعب (۱) ساڻن ناهه ڪيو، ۽ هنن دروازو کولي قلعو سندس حوالي ڪيو. هن فتح ۽ ڪاميابيءَ جي خبر پڌي محمد بن قاسم تمام خوش ٿيو. ۽ (محمد بن مصعب) سيوستان جي رهاڪن کي امان ڏيڻ بابت جيڪو اطلاع ڏنو هو، تنهن تي محمد بن قاسم چيو ته: مصلحت ائين هئي ته معافي نه ڏين ها. هاڻي توکي اعتماد جوگها امين ماڻهو مقرر ڪري، قلعي جي حفاظت جي رات

---

(۱) اصل متن ۾ مصعب آهي مگر صحيح محمد بن مصعب آهي ڏسو مٿي حاشيه ۱۴۲. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏينهن کوشش ڪرڻ گهرجي، ۽ شمنين ۽ واپارين کان چگو ضامن وٺي، چار هزار جنگي مرد سيوستان مان پاڻ سان آڻج پوء [محمد بن] مصعب بن عبدالرحمان انهيء اشاري موجب ڪامورا۽ امين مقرر ڪري، چار هزار هٿيار بند ساڻهو ساڻ ڪري، اچي امير جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ساڳئي ڏينهن موڪو [پٽ] وسايو ۽ بيٺ جي قلعي جي پرسان اچي محمد بن قاسم سان مليو [١٤٦].

جئسينهه بن ڏاهر جو محمد بن قاسم جي مقابلي لاء بيٺ جي قلعي ۾ اچڻ.

پوء جڏهين موڪي [پٽ] وسايي جي، محمد بن قاسم سان بيعت ڪرڻ جي پڪي خبر ڏاهر کي پهتي، تڏهين راجا ڏاهر پنهنجي پٽ جئسينهه کي تيار ڪري، اسلام جي لشکر جي سامهون ٽيڻ لاء، بيٺ جي قلعي ۾ موڪليو، جيئن هو پاڻيء مان لنگهي نه سگهن. جئسينهه تيار ٿي پوري اسباب ۽ جنگي هٿيارن پنوهارن سان کوتکه (١) ندييء جي رستي کناري ٿي پهتو. (هوڏانهن) محمد بن قاسم (ڏاهر جي) لشکر جي سامهون جهيم ۽ کوهل (٢) جي پرڪٽن ۾ اچي لٿو، ۽ اڪل پنجاهه ڏينهن اتي رهڻو پيس. نيٺ اناج ۽ گاهه گهٽجڻ لڳو، ۽ اناج جي آمدني گهٽ ٿيڻ ڪري لشکر

---

(١) هي پڙهڻي پ مطابق آهي؛ ب: کوتک؛ ر، م: کوتله؛ س: گونگ (٢) پ: کوهه؛ ن، ب، ح: کوهل.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

متردد ۽ پريشان ٿي ٻيو، ۽ مخالف گاهن کائڻ کري گهوڙن ۾ بيماري پيدا ٿي. جيکو به گهوڙو بيمار ٿي ٿيو تنهن کي کهي کاڏائون ٿي. (ٻئي طرف) دشمن هر قسم جون رٿون رٽي رهيا هئا. (جڏهين) هيءَ خبر ڏاهر کي پيئي تہ ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ محمد بن قاسم ڏانهن ماڻهو موڪلي نصيحت کيائينس تہ گهاڻ جي پاڇانديءَ پڙيان نہ پوي.

راءِ ڏاهر جو، محمد بن قاسم ثقفيءَ ڏانهن پيغام:

"ٻوءِ معلوم هجي تہ ڪ جي انتها جـــي ڪيءِ پوڻ بدبختي ۽ ڪميڻپ آهي. تو پنهنجي ۽ اسان جـي لاءِ تنگي پيدا ڪئي آهي، ۽ تنهنجي لشکر وٽ اناج ناياب ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن صلح کري موٽي وڃين تہ تو ڏانهن کاڏو موڪليان، جيئن تنهنجا ساڻي بک ۽ بي سرو ســاماڻيءَ وگهي تباهہ نہ ٿين. تون (خيال کري) ڏس تہ تو وٽ اهو کهڙو مرد آهي، جو اسان جي سامهون ٿـي جنـگ ڪندو. نہ تہ [ٻيءَ صورت ۾] لڙائيءَ جا هٿيار تيار کر."

محمد بن قاسم جواب ڏنو تہ: "مـان انهن اميرن مـان نہ آهيان جيکي هيترڙيءَ گهاڻ تـــي موٽي ويندا. تو هيترا سال جيکا سرڪشي ۽ بـي التفاتي ڪئي آهـي، اهو سمورو مال [۱۴۷] دارالخلافت جي خزاني ۾ جمع ڪرائيندين تہ منهنجي ۽ تنهنجي وچ۾ صلح ٿيندو، نہ تہ خدا تعالي جي مدد ســان تنهنجو سر عراق نيندس."

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم پوءِ حجاج ڏانهن هي احوال لکي گهوڙن جي مرڻ، گاهه جي تنگيءَ ۽ پاڻي جي پيڙين نه ملڻ جي خبر ڏني. (هوڏانهن) حجاج، طيار نالي هڪ شخص کي لشکر جي خبر وٺڻ لاءِ موکليو [۽ کيس چيو] هو ته: "مخفي طور محمد بن قاسم کان خبرون پچي مون کي ڏج." طيار روانو ٿي مکران پهتو ته هڪ شخص کي ايندو ڏسي کانئس پچيائين ته: ڪٿان ٿو اچين؟ چيائين ته: محمد بن قاسم جي لشکر مان. چيائنس ته: احوال ٻڌاءِ. جنهن تي هن اناج ۽ گهوڙن جي گاهه جي گهٽتائيءَ کان لشکر جي تکليف ۽ تنگ حالي، گهوڙن ۾ بيماري پوڻ، ۽ وهڻ جي مرڻ جي سڄي خبر چڱيءَ طرح ڪولي ٻڌائي، ۽ (هي به ٻڌايو) ته انهيءَ ڪري عرب جو لشکر پريشان ٿيو آهي.

طيار جو موٽي وڃڻ.

طيار انهيءَ راويءَ قاصد کي ساڻ وٺي ويو ۽ وڃي اها خبر حجاج کي پهچايائين. (جنهن تي) حجاج بن يوسف تنگ دل ۽ افسوسناڪ ٿي پنهنجي مجلس ۾ موٽي آيو، ۽ عالمن، بزرگن، صالحن، محققن، مستحقن ۽ سڪيه ماڻهن کي دعاخواهيءَ جي ڀارت ڪيائين. اتان موٽي طيار کي چيائين ته انهيءَ سنڌ جي قاصد کي حاضر ڪر ته جيئن ڏٺو ۽ سمجهيو اٿس سو بيان ڪري. هن اهو قاصد حجاج جي فرصت واري وقت ۾ پيش ڪيو. حجاج کانئس پچيو ته: "ڪٿان ٿو اچين؟" چيائين: "سنڌ کان." پچيائينس ته:

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"محمد بن قاسم جي احوال جي چا خبر اٿيئي؟" وراڻيائين تہ: "سڀ سلامت ۽ چگي حـال ۾ آهن. باقي گهوڙن ۾ جذام جي بيماري پيدا ٿي هئي، ۽ انهيءَ بيماريءَ ۾ گهڻا مري ويا. ۽ جن انهيءَ واقعي کان پوءِ نڪتو آهيان. هاڻي ان سهانگو ٽيو آهي، باقي رهيان گهوڙن ۾ کابہ بيماري کانہ آهي [١٤٨]، ۽ انهيءَ ملک جا واپاري لڌاج وکري لاءِ آئين ٿا، ۽ هيٺ جـي قلعي جو حاکم موکو [پٺ] وڃايو ان باري ۾ مڙس ٿي ٻيٺو آهي." تنهن تـي حجاج چيو: "مگر منهنجي معتمد قاصد تہ هن طرح (يعني هيءَ طرح) بيان کـو آهي." قاصد وراڻيو تہ: "هيءَ گاڀہ سون کان بيان ڪني اٿس ۽ پوري نہ ٻڌي هئائين." حجاج چيو تہ: "اها گاڀہ پوري چو نہ چيئي؟" چيائين: "انهيءَ کري تہ جيئن هيءَ گهٽتائي عام جي واتن ۾ نہ پوي، ۽ هن مصيبت تي دوست ۽ دشمن واقف نہ ٿئي." پوءِ حجاج انهيءَ ماڻهوءَ کـي لکيو ڏيئي دارالخلافت ڏانهن موکليو تہ جيکي ڏٺو اٿس سو پـورو وڃي ٻڌائي.

حجاج جو ٻہ هزار گهوڙا، خط سان گڏ محمد بن قاسم ڏانهن موکلڻ.

(ٻئي طرف) هيءَ حقيقت ٻڌڻ شرط حجاج پنهنجا خاص ٻہ هزار گهوڙا موکليا ۽ لکيائين ـ خط:

هي خط حجاج بن يوسف طرفان محمد بـن قاسم ڏانهن تہ: خط ۽ قاصد جي زبانا احوال معلوم ٿيو تـہ کي گهوڙا مري ويا آهن ۽ باقي بچيل سلامت آهـن؛ تنهنکري ٻيا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۾ هزار گهوڙا موڪلجن ٿا، جـــي اعتماد جوڳن بهادرن ۽ لشڪر جي سردارن. جي لائق هجن ۽ تنهنجا پشت پناهه ٿي سگهن. ۽ اهڙن ماڻهن جي حـــوالي ڪرڻ گهرجن، جيڪي سواريءَ جي لائق هجن ۽ پنهنجي سواري ڪـي، اگرچ ڪٽي اڏاري هجين، خاص پنهنجو ڪري سمجهن. لشڪر ڪـــي هميشه منظم ۽ سينگاريل رکج، جيئن قوت ۽ دبدبي ســـان دشمن جي لشڪر کي دفـــع ڪري سگهين. پـــر ڪافرن بابت هيءَ نصيحت ڪن ڪج تہ: ڪنهن بـــه ماڻهوءَ جي تمنا سندس مرضي موجب حـاصل نـــه ٿيندي آهي، [تصديق] قـــولـه تعالي: آمْ لِلْاِنْسَانِ مَاتَمَنّٰي: فَلِلّٰهِ الْاٰخِرَةُ وَالْاُوْلٰي (۱) (ڇا انسان جيڪي چـاهي ٿـو سو ڪيس ميسّر آهي؟ بلڪ آخرة خواهه دنيا الله جـي آهي). مون کو هيءَ نيصلو پنهنجي طرفان نـه ڪيو آهي، پـر خدا تعالي [۱۴۹] مون کي انهيءَ ٿي بچيو آهـي، چاڪاڻ تہ (مان سمجهان ٿو) تہ سندن [ڪافرن جـو] ڪم پـورو ٿي چڪو آهي ۽ دولت ڪائنس منـهن ڦيرايو آهـي؛ ۽ طريقت، شريعت ۽ حقيقت غلبو ڪيو آهي ۽ دين جي عزت جو جهنڊو بلند ٿي چڪو آهي. ڪافرن کي [هيءَ گـالهه] ڪٽي ناپسند لڳي تہ به تو کي ڪيئن به ڪري ڀڙ بون هٽ ڪري ڏڙن جي پل ٻڏڻ گهرجي، جيئن آسانيءَ سان لنگهي وڃـو تہ ٻلي [ڪافرن کي به] خبر پوي والسلام.

---

(۱) النّجم: رکوع-۱

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جو، حجاج جو خط پڙهڻ.

جڏهين محمد بن قاسم خط پڙهيو ۽ گهوڙا (ب) پهتا ته هن خط جي جواب ۾ جيڪو احوال لکيائين، تنهن ۾ ڪنڌاڻ جي گهر ڪيائين. [لکيائين] ته: مخالف ڪاڏن ۽ بي وقت ڪائڻ ڪري بيماري، رطوبت ۽ مزاج جي مخالفت پيدا ٿي ٿئي. تنهنڪري جيئن ٻ ٿي سگهي ته خاص شرابخاني مان ڪجهه سُرڪو عنايت ڪيو وڃي جو لشڪر کي ان جي ڏاڍي ضرورت آهي.

حجاج بن يوسف جو سُرڪو موڪلڻ.

پوء حجاج جي حڪم سان پچيل ڪپهه آڻي، سرڪي ۾ ٻوڙي، خشڪ ڪندا ويا. [ڪپهه] ڪٽين دفعا سرڪو ڪنيو. پوء انهيءَ ڪپهه جون گڏيون ٻڌي ڪٽمپ ۾ ڪٽي آيا، ۽ خط ۾ لکيائون ته: "محمد بن قاسم، پيغمبر صلي الله عليه وسلم جي حڪم نعمُ الادامُ الخل (سرڪو چڱو ڪنڌ آهي) جي ٻيروي ڪندي سرڪي جي گهر ڪئي هئي، جو پچيل ڪپهه ۾ تيار ڪيو ويو آهي. ڪپهه پهچن تي پاڻيءَ ۾ آلي ڪئي ويندي ته انهيءَ مان سُرڪو نڪري ايندو" [١٥٠].

مهراڻ جي الهندي ڪناري تي حجاج جو خط پهچڻ.

هن داستان جي مصنف خواجه امام ابراهيم روايت ڪئي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي تہ: جڏهين محمد بن قاسم کي گهٽو وقت مهراڻ جـي الهندي ڪناري تي ترسڻو پيو، تڏهين حجاج هڪ خط لکيو جنهن ۾ نائبي (گورنري) جو پروانو داخل ڪري آزاديء سان حڪومت ڪرڻ سندس اختيار ۾ ڏنائين. [وڌيڪ] لکيائين تہ: "تنهنجي روش مون کي ناپسند آهي، ۽ تنهنجي حڪومت (جي طريقي) کان عجب لڳو اٿم تہ تون امانُ ڏيڻ جو ڏاڍو شائق ٿي پيو آهين. استحان ۽ آزمائش کان پوء جنهن ۾ دشمن جي عداوت ۽ مخالفت ظاهر ٿئي، تنهن کي امان ڏيڻ نـه گهرجي. چاڪاڻ تہ شريف ۽ رڌيل جـو درجو برابر نـه آهي، ۽ نہ هجڻ گهرجي. اڻين ڪرڻ سان ڪـ عقلي ثابت ٿيندي، ۽ دشمن انهيء کي ڪمزوري تصور ڪندو. مون کي قسم آهي پنهنجي جان ۽ سر جو تہ الله تعالي عزوجل توکي نصيحت ڪئي آهي ۽ ويچار وارو عقل ڏنو آهي. [پر تون انهيء کـان ڪـ نٿو وڃين.] ۽ تنهنجو پورو توجہ [رکجو] سيني کي امانُ ڏيڻ ۾ ئي ختم ٿئي ٿو. [هي گهاهـ] انهن کي پڻ پڏائڻ جهڪي تنهنجا صلاحڪار ۽ ساٿي توسان گڏ آهن. تون [رکجو] امانُ ڏيڻ ۾ پورو آهين، هوڏانهن ڪيترو وقت گذري ويو آهي جو دشمن جي سامهون [بيڪار] ويٹو آهين (١)۰ ۽ پڻ جيڪڏهين بيڏڪ امانُ ڏيندا رهندا، ۽ جنگ ۾ ڏوکڻ جو خيال ٿي [دل سان] ڪيي ڇڏيندا، تہ پوء جنگ جي اخراجات [پـوري ڪرڻ] لاء ڪو پيو رستو اختيار ڪيو ويندو،

---

(١) ڏسو حاشيہ صفحہ ٢١٧.